اَمَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ وَ اَنْزَلَ لَكُمْ
مِّنَ السَّمَآءِ مَآءً ۚ فَاَنْۢبَتْنَا بِهٖ حَدَآئِقَ ذَاتَ
بَهْجَةٍ ۚ مَا كَانَ لَكُمْ اَنْ تُنْۢبِتُوْا شَجَرَهَا ؕ
ءَاِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ ؕ بَلْ هُمْ قَوْمٌ يَّعْدِلُوْنَ ۝٦٠

(٦٠) (ڀلا ٻڌايو تہ) منهن زمين کي کنهن پيدا ڪيو آهي، ۽ ڪير آسمان مان اوهان جي لاءِ مينهن ٿو وسائي؟ (ڏسو) اسان ئي ان مينهن جي ريج سان سرسبز ۽ سهڻا باغ لڳايون ٿا. اوهان کي اها طاقت بلڪل ڪانهي جو اوهان انهن باغن جي وڻن کي ڄمايو ۽ وڏا ڪيو. (پوءِ ٻڌايو تہ) خدا سان گڏ ڪو ٻيو بہ معبود ٿي سگهي ٿو ڇا؟ هرگهر نہ. حقيقت هيءَ آهي تہ هي (مشرڪ) اهڙا ماڻهو آهن جي (ڏنگي واٽ ٺا وٺن ۽) وڏي بي انصافي ٿا ڪن. (۽ پاڻ سان ظلم ٿا ڪن).

اَمَّنْ جَعَلَ الْاَرْضَ قَرَارًا وَّ جَعَلَ خِلٰلَهَآ
اَنْهٰرًا وَّ جَعَلَ لَهَا رَوَاسِيَ وَ جَعَلَ بَيْنَ
الْبَحْرَيْنِ حَاجِزًا ؕ ءَاِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ ؕ بَلْ
اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ۝٦١

(٦١) (ڀلا ٻڌايو تہ) ڪنهن زمين کي (انسانن وغيره لاءِ) قرار گاهہ يعني رهڻ جي جاءِ بنايو آهي، ۽ ان ۾ نديون نهرون رکيون آهن، ۽ ڪنهن ان تي جبل ٺاهيا آهن ۽ ڪنهن ٻن سمندن (يعني مٺي ۽ کاري پاڻيءَ) جي وچ ۾ جدا ڪندڙ حد مقرر ڪري ڇڏي آهي؟ (پوءِ ٻڌايو تہ) خدا سان گڏ ڪو ٻيو بہ معبود ٿي سگهي ٿو ڇا؟ حقيقت هيءَ آهي تہ هنن ماڻهن مان گهڻا ماڻهو بي علم آهن.

اَمَّنْ يُّجِيْبُ الْمُضْطَرَّ اِذَا دَعَاهُ وَ يَكْشِفُ
السُّوْٓءَ وَ يَجْعَلُكُمْ خُلَفَآءَ الْاَرْضِ ؕ ءَاِلٰهٌ
مَّعَ اللّٰهِ ؕ قَلِيْلًا مَّا تَذَكَّرُوْنَ ۝٦٢

(٦٢) (ڀلا ٻڌايو تہ سهي تہ) ڪير آهي جو ڏکايل جي (دانهن) ٻڌي ٿو جڏهن اهو ڏکايل ڪيس پڪاري ٿو ۽ ڪير تڪليفن کي دور ڪري ٿو؟ ڪنهن توهان کي زمين تي خليفو ڪري رکيو آهي يا زمين جو بادشاهہ بنايو آهي؟ (پوءِ ٻڌايو تہ) الله سان گڏ ڪو ٻيو بہ معبود ٿي سگهي ٿو ڇا؟ حقيقت هيءَ آهي تہ توهان (مشرڪ) ڌيان ئي ڪونہ ٿا ڏيو (۽ غور فڪر ئي ڪونہ ٿا ڪيو).

اَمَّنْ يَّهْدِيْكُمْ فِيْ ظُلُمٰتِ الْبَرِّ وَ الْبَحْرِ وَ
مَنْ يُّرْسِلُ الرِّيٰحَ بُشْرًاۢ بَيْنَ يَدَيْ
رَحْمَتِهٖ ؕ ءَاِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ ؕ تَعٰلَى اللّٰهُ عَمَّا
يُشْرِكُوْنَ ۝٦٣

(٦٣) (وري ٻڌايو تہ) ڪير آهي جو اوهان کي بَرن ۽ بَحرن (جهنگلن ۽ سمندن) جي اونداهين ۾ رستو ٿو ڏيکاري؟ ۽ ڪير آهي جو پنهنجي رحمت (يعني برسات) کان اڳي هوائن کي (انهيءَ رحمت جي) خوشخبري ڏيڻ لاءِ موڪلي ٿو؟ ڇا الله سان گڏ ٻيو بہ ڪو معبود ٿي سگهي ٿو؟ (هرگز نہ) جن کي مشرڪ خدا سان شريڪ ٺهرائين ٿا تن کان خدا گهڻو بالاتر آهي. (يعني خدا اهڙو قادر آهي جو هن کي مددگارن جي گهرج ئي ڪانهي).

اَمَّنْ يَّبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ وَ مَنْ
يَّرْزُقُكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ وَ الْاَرْضِ ؕ ءَاِلٰهٌ مَّعَ
اللّٰهِ ؕ قُلْ هَاتُوْا بُرْهَانَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ
صٰدِقِيْنَ ۝٦٤

(٦٤) ڀلا ڪير آهي جنهن پهريائين پهريائين خلقت جي شروعات ڪئي ۽ پوءِ بہ خلقيندو رهي ٿو؟ ۽ ۽ ڪير آهي جو اوهان کي زمين ۽ آسمان مان رزق پهچائيندو رهي ٿو، ڇا الله سان گڏ ٻيو بہ ڪو معبود ٿي سگهي ٿو؟ (اي منهنجا پيغمبر! انهن مشرڪن کي) چئو تہ، جيڪڏهن توهان (شريڪن ٺهرائڻ ۾) سچا آهيو تہ پنهنجو ڪو دليل تہ آڻيو؟

قُلۡ لَّا يَعۡلَمُ مَنۡ فِى السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ الۡغَيۡبَ اِلَّا اللّٰهُ‌ؕ وَمَا يَشۡعُرُوۡنَ اَيَّانَ يُبۡعَثُوۡنَ ﴿۶۵﴾

(٦٥) (اي پيغمبر! ڪين) چئو تہ جيڪو بہ آسمان ۾ ۽ زمين تي آهي تنهن کي غيب جي ڳالهين جي ڪابہ خبر ڪانهي. فقط هڪ الله ئي غيب جون ڳالهيون چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو. اهي تہ ايترو بہ معلوم ڪري نٿا سگهن تہ ڪڏهن ڪين وري جيئاري اٿاريو ويندو.

بَلِ ادّٰرَكَ عِلۡمُهُمۡ فِى الۡاٰخِرَةِ‌ۚ بَلۡ هُمۡ فِىۡ شَكٍّ مِّنۡهَا‌ۖ بَلۡ هُمۡ مِّنۡهَا عَمُوۡنَ ﴿۶۶﴾

(٦٦) بلڪ هنن ماڻهن جو علم آخرت جي باري ۾ ڪجھ بہ پورڙي نٿو سگهي. بلڪ هو ان بابت شڪ ۽ گمان جي اونده ۾ رهندڙ آهن، بلڪ بلڪل انڌا آهن.

رڪوع 6

**دنيا ۾ تاريخ جي کنڊرن کي ڏسندؤ تہ توهان کي يقين ٿيندو تہ هن دنيا ۾ بدعملين ئي مصيبتون ۽ تباهيون آنديون.**

وَقَالَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡۤا ءَاِذَا كُنَّا تُرٰبًا وَّاٰبَآؤُنَاۤ اَئِنَّا لَمُخۡرَجُوۡنَ ﴿۶۷﴾

(٦٧) جن ماڻهن ڪفر جي واٽ ورتي آهي سي چون ٿا تہ، ڇا جڏهن اسان ۽ اسان جا ابا ڏاڏا ڳري مٽي ٿي ويندا تڏهن وري اٿاري ٻاهر ڪڍيا ويندا سين؟

لَقَدۡ وُعِدۡنَا هٰذَا نَحۡنُ وَاٰبَآؤُنَا مِنۡ قَبۡلُ ۙ اِنۡ هٰذَاۤ اِلَّاۤ اَسَاطِيۡرُ الۡاَوَّلِيۡنَ ﴿۶۸﴾

(٦٨) اهي دڙڪا اڳي بہ اسان کي ۽ اسان جي ابن ڏاڏن کي ملندا رهيا آهن اهي ڪجھ بہ نہ آهن، اهي اڳوڻن ماڻهن جا ڪوڙا قصا آهن.

قُلۡ سِيۡرُوۡا فِى الۡاَرۡضِ فَانۡظُرُوۡا كَيۡفَ كَانَ عَاقِبَةُ الۡمُجۡرِمِيۡنَ ﴿۶۹﴾

(٦٩) (اي پيغمبر! تون ڪين) چئو تہ (قيامت کي بہ نٿا مڃيو پر) زمين تي سير سفر ڪيو ۽ پنهنجي اکين سان ڏسو تہ گنهگار ماڻهن جي پڇاڙي ڪهڙي تہ (خراب) ٿي ٿئي. (انهيءَ مان ئي عبرت وٺو ۽ سبق سکو).

وَلَا تَحۡزَنۡ عَلَيۡهِمۡ وَلَا تَكُنۡ فِىۡ ضَيۡقٍ مِّمَّا يَمۡكُرُوۡنَ ﴿۷۰﴾

(٧٠) (اي پيغمبر!) انهن ماڻهن (جي ايمان نہ آڻڻ ۽ سندن ايندڙ تباهيءَ) تي غم نہ ڪر. نڪي انهن ماڻهن جي منصوبن جي باري ۾ پاڻ کي ڳڻتين ۾ وجھ يا پنهنجي دل کي بيقرار ڪر (هو تنهنجي خلاف ڪهڙيون بہ تجويزون ٺاهين پر هو تو کي ڪجھ بہ ڪري نہ سگهندا).

وَيَقُوۡلُوۡنَ مَتٰى هٰذَا الۡوَعۡدُ اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ ﴿۷۱﴾

(٧١) ۽ اهي (منڪر) چون ٿا تہ جيڪڏهن توهان (مسلمان) سچا آهيو تہ ٻڌايو تہ، ڪڏهن اهو واعدو ظهور ۾ ايندو (يعني ڪڏهن اسان تي عذاب ايندو).

قُلۡ عَسٰٓى اَنۡ يَّكُوۡنَ رَدِفَ لَـكُمۡ بَعۡضُ الَّذِىۡ تَسۡتَعۡجِلُوۡنَ ﴿۷۲﴾

(٧٢) (اي پيغمبر! تون ڪين) چئو تہ، جنهن عذاب جي اچڻ لاءِ تڪڙ لائي ڏني اٿوَ تنهن جو ڪجھ حصو ممڪن آهي تہ توهان کي اچي ويجهو پيو آهي. (قريش ڪافرن کي پوءِ جلد ئي بدر جي شڪست جو ماتم ڪرڻو پيو).

وَاِنَّ رَبَّكَ لَذُوۡ فَضۡلٍ عَلَى النَّاسِ وَلٰـكِنَّ اَكۡثَرَهُمۡ لَا يَشۡكُرُوۡنَ ﴿۷۳﴾

(٧٣) ۽ بيشڪ تنهنجي پروردگار جو ماڻهن تي وڏو فضل آهي (جو ڪين عذاب ۽ تباهيءَ کان مهلت ٿو ڏئي تہ من سمجهن) پر (افسوس جو) هنن مان گهڻا بي شڪر آهن (جو قرآن جهڙي نعمت کي رد ڪري ۽ ان جي ابتڙ عمل ڪري پاڻ کي تباهيءَ ۾ ٿا وجهن).

وَإِنَّ رَبَّكَ لَيَعْلَمُ مَا تُكِنُّ صُدُورُهُمْ وَمَا يُعْلِنُونَ ﴿٧٤﴾

(٧٤) ۽ تنهنجو پروردگار يقيناً سڀ ڪجھ ڄاڻي ٿو. جيڪي هو (ڪافر) پنهنجي دلين ۾ لڪائين ٿا سو بہ ڄاڻي ٿو ۽ جيڪي ظاهر ٿا ڪن سو بہ ڄاڻي ٿو.

وَمَا مِنْ غَائِبَةٍ فِي السَّمَاءِ وَالْأَرْضِ إِلَّا فِي كِتَابٍ مُبِينٍ ﴿٧٥﴾

(٧٥) ۽ آسمان ۽ زمين ۾ ڪابہ اهڙي لڪل شيءِ ناهي جا (الله جي) هڪ چٽي ڪتاب ۾ لکيل ناهي. (يعني الله کي هرڪا مخفي شيءِ بہ معلوم آهي.)

إِنَّ هَٰذَا الْقُرْآنَ يَقُصُّ عَلَىٰ بَنِي إِسْرَائِيلَ أَكْثَرَ الَّذِي هُمْ فِيهِ يَخْتَلِفُونَ ﴿٧٦﴾

(٧٦) يقيناً هي قرآن بني اسرائيلن لاءِ هنن جي گهڻين ئي اهڙين ڳالهين کي چٽو ۽ صاف ڪري ٿو ڇڏي جن ۾ هو هڪ ٻئي سان اختلاف رکن ٿا. (يعني اختلافن بابت چٽو فيصلو ڏئي ٿو تہ ڪهڙي ڳالھ ٺيڪ آهي ۽ ڪهڙي غلط آهي.)

وَإِنَّهُ لَهُدًى وَرَحْمَةٌ لِلْمُؤْمِنِينَ ﴿٧٧﴾

(٧٧) يقيناً هي قرآن ايمان وارن لاءِ سراسر هدايت ۽ رحمت آهي.

إِنَّ رَبَّكَ يَقْضِي بَيْنَهُمْ بِحُكْمِهِ ۚ وَهُوَ الْعَزِيزُ الْعَلِيمُ ﴿٧٨﴾

(٧٨) بيشڪ تنهنجو پروردگار پنهنجي حڪم سان انهن جي وچ ۾ فيصلو ڏيندو، ۽ بيشڪ هو (هر شيء تي) غالب آهي ۽ سڀ ڪجھ ڄاڻندڙ آهي.

فَتَوَكَّلْ عَلَى اللَّهِ ۖ إِنَّكَ عَلَى الْحَقِّ الْمُبِينِ ﴿٧٩﴾

(٧٩) سو (اي منهنجا پيغمبر!) الله تي ڀروسو رک. يقيناً تون صريح (يعني چٽي) حق تي آهين، (ڪافر باطل تي آهن، تون سندن پرواھ نہ ڪر. الله تعاليٰ تنهنجي مدد ڪندو.)

إِنَّكَ لَا تُسْمِعُ الْمَوْتَىٰ وَلَا تُسْمِعُ الصُّمَّ الدُّعَاءَ إِذَا وَلَّوْا مُدْبِرِينَ ﴿٨٠﴾

(٨٠) تون مُردن کي پنهنجون ڳالهيون ٻڌائي ڪونہ سگهندين، (يعني مُردا تنهنجون ڳالهيون ٻڌي ۽ سمجهي ڪونہ سگهندا) نڪو ٻوڙا تنهنجو سڏ ٻڌي سگهندا، جڏهن تہ اهي (ٻڌڻ جي بدران) پٺي ڏئي ٿا هليا وڃن. (پوءِ ڪيئن تون هنن جي رهنمائي ڪري سگهندين؟)

وَمَا أَنْتَ بِهَادِي الْعُمْيِ عَنْ ضَلَالَتِهِمْ ۖ إِنْ تُسْمِعُ إِلَّا مَنْ يُؤْمِنُ بِآيَاتِنَا فَهُمْ مُسْلِمُونَ ﴿٨١﴾

(٨١) نڪي تون انڌن کي سندن گمراهيءَ کان ڦيرائي سڌي واٽ ڏي آڻي سگهندين. تون تہ فقط انهن کي ئي (حق جون ڳالهيون) ٻڌڻ جهڙو ڪري سگهندين جيڪي اسان جي آيتن تي ايمان رکن ٿا ۽ فرمانبردار مسلمان ٿين ٿا.

وَإِذَا وَقَعَ الْقَوْلُ عَلَيْهِمْ أَخْرَجْنَا لَهُمْ دَابَّةً مِنَ الْأَرْضِ تُكَلِّمُهُمْ أَنَّ النَّاسَ كَانُوا بِآيَاتِنَا لَا يُوقِنُونَ ﴿٨٢﴾

(٨٢) ۽ جڏهن (الله جو) واعدو انهن (منڪرن) جي حق ۾ ظهور ۾ ايندو (يعني مٿن عذاب جو وقت اچي ويندو) تڏهن اسان زمين مان هڪ جانور ٻاهر ڪيڍنداسين جو کين ٻڌائيندو (تہ هاڻي عذاب اچڻو آهي) يقيناً ماڻهن کي اسان جي آيتن تي يقين ڪونہ هو (سو هاڻي اڪين سان عذاب ڏسندا ۽ لوڙيندا).

## رکوع 7

**عذاب ۽ قيامت ضرور اچڻا آهن. چڱائي جو ۽ بدعمليءَ جو پورو پورو عيوضو ملندو، هر فرعون لاءِ موسيٰ هوندو.**

وَيَوْمَ نَحْشُرُ مِنْ كُلِّ اُمَّةٍ فَوْجًا مِّمَّنْ
يُّكَذِّبُ بِاٰيٰتِنَا فَهُمْ يُوْزَعُوْنَ ۝٨٣

(٨٣) ۽ هڪڙي ڏينهن اسان هر هڪ قوم مان انهيءَ ٽولي کي هڪ هنڌ گڏ ڪنداسين، جيڪي اسان جي آيتن ۽ حڪمن کي نہ مڃيندا هئا ۽ انهن کي صفن ۾ ڪڙو ڪيو ويندو.

حَتّٰۤى اِذَا جَآءُوْ قَالَ اَكَذَّبْتُمْ بِاٰيٰتِيْ وَلَمْ
تُحِيْطُوْا بِهَا عِلْمًا اَمَّاذَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ۝٨٤

(٨٤) تان جو جڏهن اهي (منڪر خدا جي دربار ۾) اچي ويندا تڏهن خدا انهن کان پڇندو تہ ڇا توهان منهنجون آيتون ۽ حڪم رد ڪري ڇڏيا هئا، اگرچہ توهان انهن حڪمن بابت علم ۽ سمجھ ڪم بہ نہ آندي؟ جي ائين ناهي تہ ڀلا ٻڌايو تہ توهان ڇا ڪندا رهيؤ؟ (ڪو عذر يا بهانو اٿؤ؟ بلڪل نہ!)

وَوَقَعَ الْقَوْلُ عَلَيْهِمْ بِمَا ظَلَمُوْا فَهُمْ لَا
يَنْطِقُوْنَ ۝٨٥

(٨٥) ۽ هو جو ظلم ڪري رهيا هئا سو (عذاب جو) واعدو هنن جي حق ۾ پوري طرح تعميل هيٺ ايندو. پوءِ هو ڳالهائي بہ ڪونہ سگهندا (ڇو تہ هو ڏسندا تہ بيشڪ اسان عذاب جا لائق آهيون.)

اَلَمْ يَرَوْا اَنَّا جَعَلْنَا الَّيْلَ لِيَسْكُنُوْا فِيْهِ وَ
النَّهَارَ مُبْصِرًا ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ
يُّؤْمِنُوْنَ ۝٨٦

(٨٦) اهي (منڪر) نٿا ڏسن ڇا؟ تہ اسان رات هن لاءِ بنائي آهي تہ ان ۾ آرام وٺن ۽ ڏينهن هن لاءِ بنايو آهي تہ ان ۾ ڪين روشني ملي (۽ ڏسن وائسن، علم ۽ عقل پرائين ۽ ڪم ڪاريون ۽ چڱا عمل ڪن) هن ۾ (يعني ڏينهن ۽ رات جي فلسفي ۾) انهن ماڻهن لاءِ وڏيون نشانيون آهن، جيڪي ايمان آڻيندڙ آهن.

وَيَوْمَ يُنْفَخُ فِي الصُّوْرِ فَفَزِعَ مَنْ فِي
السَّمٰوٰتِ وَمَنْ فِي الْاَرْضِ اِلَّا مَنْ شَآءَ اللّٰهُ ؕ
وَكُلٌّ اَتَوْهُ دٰخِرِيْنَ ۝٨٧

(٨٧) ۽ هڪڙي ڏينهن بگل (يعني توتاري) وڄائي ويندي (ان ڏينهن سڀ مُردا اٿي کڙا ٿيندا ۽ قيامت جي فيصلي لاءِ گڏ ڪيا ويندا) پوءِ جيڪي بہ آسمان ۾ هوندا ۽ زمين تي هوندا سي سڀ ڌهلجي ويندا (۽ دردناڪ حالت ۾ هوندا) سواءِ انهن (صالحن) جي، جن جي باري ۾ خدا چاهيندو (تہ اهي خوشحال هجن) ۽ سڀ (بدڪار توڙي صالح ٻانها) سندس دربار ۾ نماڻا ۽ جهڪيل ٿي حاضر ٿيندا.

وَتَرَى الْجِبَالَ تَحْسَبُهَا جَامِدَةً وَّهِيَ تَمُرُّ
مَرَّ السَّحَابِ ؕ صُنْعَ اللّٰهِ الَّذِيْۤ اَتْقَنَ كُلَّ
شَيْءٍ ؕ اِنَّهٗ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَفْعَلُوْنَ ۝٨٨

(٨٨) ۽ توهان جبلن کي ڏسو ٿا تہ سمجهو ٿا تہ اهي ڏاڍا مضبوط ڪتل آهن، پر (قيامت جي ڏينهن) اهي ائين اڏامي ويندا جيئن ڪڪر اڏامي ويندا آهن. هيءَ انهيءَ الله تعاليٰ جي عجيب ڪاريگري آهي، جنهن هرهڪ شيءِ کي (۽ هرهڪ جانور کي) اعليٰ نظام هيٺ رکيو آهي. جيڪي جيڪي توهان ڪيو ٿا تنهن جي هو بيشڪ چڱيءَ طرح خبر رکندڙ آهي.

مَنْ جَآءَ بِالْحَسَنَةِ فَلَهٗ خَيْرٌ مِّنْهَا ۚ وَهُمْ
مِّنْ فَزَعٍ يَّوْمَئِذٍ اٰمِنُوْنَ ۝٨٩

(٨٩) جيڪو بہ نيڪيءَ جا ڪم ڪندو تنهن کي ان کان گهڻو بهتر بدلو ملندو ۽ اهڙا ماڻهو انهيءَ (قيامت جي) ڏينهن جي دهشت کان امن ۾ هوندا.

وَمَنْ جَآءَ بِالسَّيِّئَةِ فَكُبَّتْ وُجُوْهُهُمْ فِي النَّارِ ۭ هَلْ تُجْزَوْنَ اِلَّا مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٩٠﴾

(٩٠) ۽ جيڪو بہ برائيءَ جا ڪم ڪندو تنھن کي منھن ڀر باھ ۾ اڇلايو ويندو. (انھن کان پڇيو ويندو تہ) ڇا جھڙا توھان (بد) عمل ڪيا ھئا تھڙي ئي سزا اوھان کي نہ ڏني ويئي آھي؟ (توھان سان ڪجھ بہ بي انصافي ڪئي ويئي آھي ڇا؟)

اِنَّمَآ اُمِرْتُ اَنْ اَعْبُدَ رَبَّ هٰذِهِ الْبَلْدَةِ الَّذِيْ حَرَّمَهَا وَلَهٗ كُلُّ شَيْءٍ ۡ وَّاُمِرْتُ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿٩١﴾

(٩١) (اي منھنجا پيغمبر تون پنھنجي باري ۾ چئي ڏي تہ) مون کي ھي ئي حڪم مليو آھي تہ مان ھن (مڪي جي) شھر جي رب جي ٻانھپ ڪيان جنھن رب ان شھر کي پاڪ ٺھرايو آھي. (جيڪي بہ دنيا ۾ آھي سو) سڀ ڪجھ الله ئي جو آھي. ۽ مون کي ھيءُ بہ حڪم مليو آھي تہ مان سندس فرمانبردار ٻانھن ۾ شامل ٿيان.

وَاَنْ اَتْلُوَا الْقُرْاٰنَ ۚ فَمَنِ اهْتَدٰى فَاِنَّمَا يَهْتَدِيْ لِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ ضَلَّ فَقُلْ اِنَّمَآ اَنَا مِنَ الْمُنْذِرِيْنَ ﴿٩٢﴾

(٩٢) ۽ (مون کي ھيءُ بہ حڪم مليو آھي) تہ (ماڻھن کي) قرآن مجيد پڙھي ٻڌايان پوءِ جيڪو سڌي واٽ تي ھلندو سو پنھنجي لاءِ فائدو حاصل ڪندو، پر جيڪڏھن ڪو گمراھ ٿي ڏنگي واٽ تي ھلندو تہ پوءِ (اھڙن ماڻھن کي) چئو تہ، مان تہ فقط (خدا جي نافرمانيءَ جي نتيجن بابت) خبردار ڪندڙ آھيان، (توھان منھنجي پيروي نہ ڪندؤ تہ توھان ئي تباھ ٿيندؤ، مون کي تہ وڌيڪ ڪجھ بہ ڪرڻو ناھي).

وَقُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ سَيُرِيْكُمْ اٰيٰتِهٖ فَتَعْرِفُوْنَهَا ۭ وَمَا رَبُّكَ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿٩٣﴾

(٩٣) ۽ (اي منھنجا پيغمبر!) چئو تہ سڀ ساراھ خدا جي آھي (۽ لک احسان انھيءَ ئي جا آھن) ھو جلد ئي اوھان کي (فتح ۽ ٻين نعمتن جون) نشانيون ڏيکاريندو جي توھان پاڻ سڃاڻي سگھندؤ ۽ (ياد رکو تہ) توھان (مسلمان) جيڪي جيڪي (چڱا) عمل ڪري رھيا آھيو سي تنھنجو پروردگار خوب ڄاڻي ٿو (۽ اوھان کي ضرور ڪامياب ڪندو).

**سورت القصص (قصص معنيٰ قصو بيان ڪرڻ) مڪي**

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مھربان ۽ رحم وارو آھي.

رڪوع 1

**حضرت موسيٰ جي اوائلي زندگيءَ جو احوال.**

طٰسٓمّٓ ﴿١﴾

(١) طا- سين- ميم

تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ﴿٢﴾

(٢) ھي قرآن مجيد جون آيتون آھن جو (سيني) ڳالھين کي) چٽو ڪندڙ ڪتاب آھي.

نَتْلُوْا عَلَيْكَ مِنْ نَّبَاِ مُوْسٰى وَفِرْعَوْنَ بِالْحَقِّ لِقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿٣﴾

(٣) اسان حضرت موسيٰ ۽ فرعون جا سچا سچا احوال توکي انھن ماڻھن جي لاءِ ٻڌايون ٿا جن ايمان آندو آھي.

اِنَّ فِرْعَوْنَ عَلَا فِي الْاَرْضِ وَجَعَلَ اَهْلَهَا

(٤) (ٻڌو) فرعون بادشاھ (مصر جي) ملڪ ۾ تڪبر ۽ سرڪشيءَ جو

شِيَعًا يَّسْتَضْعِفُ طَآئِفَةً مِّنْهُمْ يُذَبِّحُ اَبْنَآءَهُمْ وَ يَسْتَحْيٖ نِسَآءَهُمْ ؕ اِنَّهٗ كَانَ مِنَ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿٤﴾

طريقو اختيار ڪيو ۽ ان ملڪ جي ماڻهن کي جدا جدا ٽولين ۾ ورهائي ڇڏيائين، جن مان هڪ ٽوليءَ کي (يعني بني اسرائيلن کي) دٻائي هيٺي حالت ۾ رکيائين، انهن جي پٽن کي مارائي ڇڏيندو هو ۽ انهن جي ڌيئرن کي جيئرو ڇڏيندو هو. يقيناً هو وڏو فتني باز ۽ بگاڙ ڪندڙ هو.

وَ نُرِيْدُ اَنْ نَّمُنَّ عَلَى الَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْا فِي الْاَرْضِ وَ نَجْعَلَهُمْ اَئِمَّةً وَّ نَجْعَلَهُمُ الْوٰرِثِيْنَ ﴿٥﴾ۙ

(٥) ۽ اسان چاهيو ٿي ته جن کي ملڪ ۾ دٻائي هيٺو ڪيو ٿي ويو، تن تي پنهنجو فضل ڪيون ۽ کين ماڻهن جا امام (يعني ليڊر يا پيشوا) ڪيون ۽ کين ئي وارث ڪيون (يعني زمين تي ڪنهن ملڪ يا ملڪن جا حاڪم بنايون.)

وَ نُمَكِّنَ لَهُمْ فِي الْاَرْضِ وَ نُرِيَ فِرْعَوْنَ وَ هَامٰنَ وَ جُنُوْدَهُمَا مِنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَحْذَرُوْنَ ﴿٦﴾

(٦) ۽ ملڪ ۾ انهن جا پير ڄمايون ۽ انهن کي طاقتور ڪيون، ۽ فرعون، (سندس وزير) هامان ۽ سندن لشڪرن کي انهن (بني اسرائيلن) جي هٿان اهي ئي ڳالهيون پيش آڻيون جن کان بچڻ لاءِ سڀ حيلا هلائي رهيا آهن.

وَ اَوْحَيْنَآ اِلٰٓى اُمِّ مُوْسٰٓى اَنْ اَرْضِعِيْهِ ۚ فَاِذَا خِفْتِ عَلَيْهِ فَاَلْقِيْهِ فِي الْيَمِّ وَ لَا تَخَافِيْ وَ لَا تَحْزَنِيْ ۚ اِنَّا رَآدُّوْهُ اِلَيْكِ وَ جَاعِلُوْهُ مِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٧﴾

(٧) سو (اسان ڇا ڪيو جو) حضرت موسيٰ جي والده کي وحي موڪليوسين ته تون پنهنجي ٻچڙي کي پنهنجي ٿڃ پياريندي رهه. پوءِ جڏهن ان بابت توکي خطرو ڏسڻ ۾ اچي (ته فرعون جي ماڻهن کي خبر پوڻ تي آهي ۽ هو تنهنجي پٽ کي مارائي ڇڏيندا) تڏهن ٻچڙي کي (پيتيءَ ۾ وجهي نيل درياهه جي) پاڻيءَ ۾ لوڙهي ڇڏجانءِ، ۽ ڪوبه خوف نه رکجانءِ، نڪي ڪو غم ڪجانءِ. يقيناً اهو ٻچڙو توکي موٽائي ڏينداسين ۽ کيس (وڏي هوندي) پنهنجو رسول ڪنداسين.

فَالْتَقَطَهٗٓ اٰلُ فِرْعَوْنَ لِيَكُوْنَ لَهُمْ عَدُوًّا وَّ حَزَنًا ؕ اِنَّ فِرْعَوْنَ وَ هَامٰنَ وَ جُنُوْدَهُمَا كَانُوْا خٰطِئِيْنَ ﴿٨﴾

(٨) (جڏهن والده موسيٰ کي پاڻيءَ ۾ ڇڏيو ڪيو تڏهن) پوءِ فرعون جي ماڻهن (جن پيتي لڙهندي ڏٺي) ان کي ڪڍي ورتو، انهيءَ لاءِ نه ته هو (آخر) هنن جي مخالفت ڪري ۽ سندس غمن ۽ تڪليفن جو باعث ٿئي (پر فرعون جي ماڻهن کي ان وقت ڪهڙي خبر ته هو ڪو سندن مخالفت ڪندو ۽ تڪليفن جو باعث ٿيندو) انهيءَ ۾ شڪ ئي ڪونهي ته فرعون هامان ۽ سندن لشڪر خطاڪار ۽ گنهگار هئا.

وَ قَالَتِ امْرَاَتُ فِرْعَوْنَ قُرَّتُ عَيْنٍ لِّيْ وَ لَكَ ؕ لَا تَقْتُلُوْهُ ۖ عَسٰٓى اَنْ يَّنْفَعَنَآ اَوْ نَتَّخِذَهٗ وَلَدًا وَّ هُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٩﴾

(٩) ۽ فرعون جي زال (جا شايد نيڪ عورت هئي) فرعون کي چيو ته، هيءُ (سهڻو ٻچڙو) منهنجي لاءِ ۽ تنهنجي لاءِ اکين جو ٺار آهي. ان کي متان قتل ڪرائين. ممڪن آهي ته اسان کي هن مان گهڻو ئي فيض ۽ فائدو پهچندو گود جو پٽ ڪنداسين (شايد کين پٽ ڪونه هو) پر هنن کي خبر بلڪل ڪانه هئي (ته ان ڪم جو آخر نتيجو ڪهڙو نڪرندو).

وَ اَصْبَحَ فُؤَادُ اُمِّ مُوْسٰى فٰرِغًا ؕ اِنْ كَادَتْ لَتُبْدِيْ بِهٖ لَوْ لَآ اَنْ رَّبَطْنَا عَلٰى قَلْبِهَا لِتَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٠﴾

(١٠) ۽ (هوڏي وري) حضرت موسيٰ جي والده جي دل (جدائي کان) بي قرار ٿي پيئي ۽ اهو راز ظاهر ڪرڻ تي هئي. پر اسان سندس دل کي مضبوط رکيو انهيءَ لاءِ ته هوءَ ايمان تي قائم رهي.

وَقَالَتْ لِاُخْتِهٖ قُصِّيْهِ ۡ فَبَصُرَتْ بِهٖ عَنْ جُنُبٍ وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿۱۱﴾

(١١) ۽ حضرت موسيٰ جي والده سندس (وڏي) ڀيڻ کي چيو ته موسيٰ جي پنيان (پر ٿورو پريرو) لڳي وڃ (جيئن اهي ماڻهو جيڪي پيتي کنيون ٿا وڃن تن کي کو شڪ نه پوي) اها ڀيڻ (سندن پنيان هلندي ويئي ۽) ان ڏي نهاريندي رهي اهڙيءَ طرح جو ڄڻ ته ان سان ڪو واسطو ئي ڪونهيس ۽ هنن ماڻهن کي خبر ئي ڪانه پئي (ته ڪو سندس ڀيڻ اسان ڏي نهاري رهي آهي).

وَحَرَّمْنَا عَلَيْهِ الْمَرَاضِعَ مِنْ قَبْلُ فَقَالَتْ هَلْ اَدُلُّكُمْ عَلٰۤى اَهْلِ بَيْتٍ يَّكْفُلُوْنَهٗ لَكُمْ وَهُمْ لَهٗ نٰصِحُوْنَ ﴿۱۲﴾

(١٢) ۽ اسان اهڙي رٿ ڪئي جو پهريائين موسيٰ ڪنهن جي به ٿڃ نه پيتي (يعني ڪنهن جو به ٻبو نه ورتو تنهن تي ماڻهو حيران ٿي هيڏي هوڏي تلاش ڪرڻ لڳا. جڏهن سندن نظر ان ڀيڻ تي پئي تڏهن انهيءَ ڀيڻ ڪين) چيو ته مان اوهان کي هڪڙي اهڙي گهر جا ماڻهو ڏيکاريان ڇا؟ جيڪي اوهان جي لاءِ انهيءَ ٻچڙي کي نپائين ۽ هن کي پيار ڪندڙ ۽ هن جا خيرخواهه ٿين.

فَرَدَدْنٰهُ اِلٰۤى اُمِّهٖ كَيْ تَقَرَّ عَيْنُهَا وَلَا تَحْزَنَ وَلِتَعْلَمَ اَنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۱۳﴾

(١٣) (هنن ماڻهن اها ڳالهه قبول ڪئي، ڇوڪريءَ اهو گهر ڏيکاريو ۽ فرعون جي زال حضرت موسيٰ جي والده کي سندس دائي مقرر ڪيو) اهڙيءَ طرح اسان ٻچڙي کي سندس ماءُ ڏي موٽايو، انهيءَ لاءِ ته سندس اکيون ٺرن ۽ غم نه ڪري ۽ پڪ سان ڄاڻي ته بيشڪ الله جو واعدو سچو آهي. پر اڪثر ماڻهو نٿا ڄاڻن (ته ظاهري تڪليف ۾ به ڪا ڇڱائي رکيل آهي.)

رڪوع 2

**حضرت موسيٰ فرعون جي محل ۾ پلجي وڏو ٿيو ۽ پوءِ اتان نڪرڻ جو سبب**

وَلَمَّا بَلَغَ اَشُدَّهٗ وَاسْتَوٰۤى اٰتَيْنٰهُ حُكْمًا وَّعِلْمًا ؕ وَكَذٰلِكَ نَجْزِى الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۱۴﴾

(١٤) ۽ جڏهن حضرت موسيٰ جوان ٿيو ۽ طاقتور ٿيو تڏهن اسان کيس حڪمت ۽ علم عطا ڪيو. (اسان جو اهو قانون آهي جو) نيڪي ڪندڙن کي اهڙيءَ ئي طرح نيڪ بدلو ڏيندا آهيون.

وَدَخَلَ الْمَدِيْنَةَ عَلٰى حِيْنِ غَفْلَةٍ مِّنْ اَهْلِهَا فَوَجَدَ فِيْهَا رَجُلَيْنِ يَقْتَتِلٰنِ ۫ هٰذَا مِنْ شِيْعَتِهٖ وَهٰذَا مِنْ عَدُوِّهٖ ۚ فَاسْتَغَاثَهُ الَّذِىْ مِنْ شِيْعَتِهٖ عَلَى الَّذِىْ مِنْ عَدُوِّهٖ ۙ فَوَكَزَهٗ مُوْسٰى فَقَضٰى عَلَيْهِ ۫ قَالَ هٰذَا مِنْ عَمَلِ الشَّيْطٰنِ ؕ اِنَّهٗ عَدُوٌّ مُّضِلٌّ مُّبِيْنٌ ﴿۱۵﴾

(١٥) پوءِ (هڪڙي ڏينهن) حضرت موسيٰ اهڙي وقت (محلات مان نڪري) شهر ۾ هليو ويو جهن وقت شهر جا ماڻهو (ننڊ ۾) غافل هئا. اتي شهر ۾ ٻن ماڻهن کي وڙهندو ڏٺائين. جن مان هڪڙو ته سندس قوم (بني اسرائيلن) مان هو ۽ ٻيو سندس دشمن (قوم يعني مصري ماڻهن) مان هو. پوءِ جا ٿيو جو) جيڪو ماڻهو سندس قوم مان هو تنهن انهيءَ ماڻهو جي خلاف جيڪو سندس دشمن قوم مان هو. ڪانئس مدد گهري. تنهن تي حضرت موسيٰ انهيءَ (مصري ماڻهوءَ) کي ٺونشو (يعني مُڪ) هڻي ڪڍي، ۽ هن کي ماري وڌائين. پوءِ (ارمان ۽ پريشاني ۾ پئجي) چيائين ته هي ته شيطاني ڪم ٿي پيو. بيشڪ شيطان (انسان جو) دشمن آهي ۽ ظاهر ظهور گمراهه ڪندڙ آهي.

قَالَ رَبِّ اِنِّیۡ ظَلَمۡتُ نَفۡسِیۡ فَاغۡفِرۡ لِیۡ فَغَفَرَ لَہٗ ؕ اِنَّہٗ ہُوَ الۡغَفُوۡرُ الرَّحِیۡمُ ﴿۱۶﴾

(١٦) (پوءِ خدا جي درگاھ ۾ ٻاڏائي حضرت موسيٰ ) عرض ڪيو تہ اي منهنجا پرورگار مون پاڻ تي پاڻ ظلم ڪيو آهي. تون مون کي بخش. سو خدا کيس بخشي ڇڏيو. بيشڪ هو بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي.

قَالَ رَبِّ بِمَاۤ اَنۡعَمۡتَ عَلَیَّ فَلَنۡ اَکُوۡنَ ظَہِیۡرًا لِّلۡمُجۡرِمِیۡنَ ﴿۱۷﴾

(١٧) (خدا کان بخشش ملڻ تي حضرت موسيٰ) عرض ڪيو تہ اي منهنجا رب! تو جو مون تي هيءَ احسان ڪيو آهي سو مان (آئندھ) ڪڏهن بہ گنهگارن جو مددگار نہ ٿيندس.

فَاَصۡبَحَ فِی الۡمَدِیۡنَۃِ خَآئِفًا یَّتَرَقَّبُ فَاِذَا الَّذِی اسۡتَنۡصَرَہٗ بِالۡاَمۡسِ یَسۡتَصۡرِخُہٗ ؕ قَالَ لَہٗ مُوۡسٰۤی اِنَّکَ لَغَوِیٌّ مُّبِیۡنٌ ﴿۱۸﴾

(١٨) حضرت موسيٰ ڊپ (۽ پريشانيءَ جي حالت) ۾ ئي صبح ڪري ڇڏيو. (وري بہ ڇا ٿيو جو) اوچتو ئي اوچتو ساڳئي ماڻهو جنهن اڳئين ڏينهن سندس مدد گهري هئي انهيءَ سندس مدد لاءِ واڪو ڪيو. حضرت موسيٰ کيس چئي ڏنو تہ. تون تہ ظاهرظهور جهيڙاڪار ۽ گمراھ ماڻهو ٿو ڏسجين.

فَلَمَّاۤ اَنۡ اَرَادَ اَنۡ یَّبۡطِشَ بِالَّذِیۡ ہُوَ عَدُوٌّ لَّہُمَا ۙ قَالَ یٰمُوۡسٰۤی اَتُرِیۡدُ اَنۡ تَقۡتُلَنِیۡ کَمَا قَتَلۡتَ نَفۡسًۢا بِالۡاَمۡسِ ٭ۖ اِنۡ تُرِیۡدُ اِلَّاۤ اَنۡ تَکُوۡنَ جَبَّارًا فِی الۡاَرۡضِ وَ مَا تُرِیۡدُ اَنۡ تَکُوۡنَ مِنَ الۡمُصۡلِحِیۡنَ ﴿۱۹﴾

(١٩) پوءِ جڏهن حضرت موسيٰ انهيءَ (مصري ماڻهو) کي جهلڻ (۽ پري ڪرڻ) چاهيو جو ٻنهي جو دشمن هو، تڏهن ان (اسرائيلي) ماڻهوءَ (پنهنجي پۇ ڪان) چئي ڏنو تہ. اي موسي! ڇا تون مون کي بہ اهڙيءَ طرح مارڻ ٿو چاهين، جهڙي طرح ڪالھ هڪڙي ماڻهوءَ کي ماري ڇڏيو هيئي؟ تون تہ فقط هي ٿو چاهين تہ سڄي ملڪ ۾ سيني تي ڏاڍو ۽ زبردست ٿي رهان ۽ تون نٿو چاهين تہ صلح ۽ سڌارو ڪندڙ ٿيان.

وَ جَآءَ رَجُلٌ مِّنۡ اَقۡصَا الۡمَدِیۡنَۃِ یَسۡعٰی ۫ قَالَ یٰمُوۡسٰۤی اِنَّ الۡمَلَاَ یَاۡتَمِرُوۡنَ بِکَ لِیَقۡتُلُوۡکَ فَاخۡرُجۡ اِنِّیۡ لَکَ مِنَ النّٰصِحِیۡنَ ﴿۲۰﴾

(٢٠) ۽ (انهيءَ وقت) شهر جي ٻئي پاسي ڪان هڪڙو (مصري) شخص ڊوڙندو آيو ۽ اچي چيائين تہ. اي موسيٰ يقيناً (شهر جا) سردار تنهنجي باري ۾ مشورو ڪري رهيا آهن تہ توکي (مصريءَ ماڻهو جي خون جي بدلي ۾) قتل ڪيو وڃي. تنهن ڪري (تڪڙو ٿي شهر مان) نڪري هليو وڃ. يقيناً مان تنهنجو خيرخواھ آهيان.

فَخَرَجَ مِنۡہَا خَآئِفًا یَّتَرَقَّبُ ۫ قَالَ رَبِّ نَجِّنِیۡ مِنَ الۡقَوۡمِ الظّٰلِمِیۡنَ ﴿٪۲۱﴾

(٢١) پوءِ حضرت موسيٰ خوف منجهان هيڏي هوڏي نهاريندو شهر مان نڪري هليو ويو ۽ دعا گهريائين تہ. اي منهنجا پروردگار مون کي هنن ظالم ماڻهن کان بچائجانءِ.

رڪوع 3

**حضرت موسيٰ مدين ۾ پهچي اتي ٻڪريون چاريون ۽ شادي ڪئي.**

وَ لَمَّا تَوَجَّہَ تِلۡقَآءَ مَدۡیَنَ قَالَ عَسٰی رَبِّیۡۤ اَنۡ یَّہۡدِیَنِیۡ سَوَآءَ السَّبِیۡلِ ﴿۲۲﴾

(٢٢) ۽ جڏهن حضرت موسيٰ مدين (ملڪ) ڏانهن رخ رکيو تڏهن چيائين تہ اميد اٿم تہ منهنجو پروردگار مون کي سڌيءَ واٽ تي لڳائيندو.

وَ لَمَّا وَرَدَ مَآءَ مَدۡیَنَ وَجَدَ عَلَیۡہِ اُمَّۃً مِّنَ

(٢٣) ۽ جڏهن هو مدين جي پاڻيءَ (جي کوھ يا چشمي) وٽ پهتو تڏهن اتي ماڻهن جي هڪ ٽولي ڏٺائين جيڪي (ڍڳن کي) پاڻي پياري رهيا هئا ۽ پڻ

النَّاسِ يَسْقُوْنَ ۬ وَوَجَدَ مِنْ دُوْنِهِمُ
امْرَاَتَيْنِ تَذُوْدٰنِ ۚ قَالَ مَا خَطْبُكُمَا ؕ قَالَتَا لَا
نَسْقِيْ حَتّٰى يُصْدِرَ الرِّعَآءُ ٜ وَاَبُوْنَا شَيْخٌ
كَبِيْرٌ ﴿٢٣﴾

انهن کان جدا (ٿورو پريرو) ٻہ (نوجوان) عورتون ڏٺائين جيڪي ٻڪرين کي روڪي جهليون بيٺيون هيون. حضرت موسيٰ انهن عورتن کان پڇيو تہ توهان سان ڪهڙي حالت آهي (۽ ڇا جي لاءِ انتظار ۾ بيٺيون آهيو؟) هنن جواب ڏنو تہ اسان تيستائين (پنهنجي ٻڪرين کي) پاڻي پياري نہ ٿيون سگهون جيستائين ٻيا ريدار ۽ ٻڪرار (پنهنجي ٻڪرين کي پاڻي پياري) ٻڪريون ڪاهي هليا نٿا وڃن. (اسان ضعيف عورتون آهيون. اسان کي ڪو ڀاءُ بہ ڪونهي) ۽ اسان جو بابا هڪڙو تمام پوڙهو ماڻهو آهي (تنهن ڪري هو گهر ۾ ٿو رهي ۽ ٻڪرين جو ڪم ڪري نٿو سگهي).

فَسَقٰى لَهُمَا ثُمَّ تَوَلّٰۤى اِلَى الظِّلِّ فَقَالَ رَبِّ اِنِّيْ
لِمَاۤ اَنْزَلْتَ اِلَيَّ مِنْ خَيْرٍ فَقِيْرٌ ﴿٢٤﴾

(٢٤) (تنهن تي حضرت موسيٰ کي مٿن رحم اچي ويو ۽ مردن جو ظلم ڏسي حيران ٿيو جو هر روز اول پاڻ پاڻي پياريندا هئا ۽ سيني کان پڇاڙيءَ ۾ ويچاريون اهي بہ عورتون پاڻي پيئاريندريون هيون) سو انهن عورتن جي ٻڪرين کي پاڻي پيئاريو پوءِ (ڪنهن وڻ جي) ڇانو ڏي هٽي هليو ويو. ۽ خدا کان سوال گهريائين تہ اي منهنجا پروردگار! جيڪا بہ ڀلائي ۽ نعمت (هن وقت) مون تي ڪرين تنهن لاءِ مان بيشڪ سخت حاجتمند آهيان (جو نہ اٿم سمر، نڪو اٿم ڪو گهر).

فَجَآءَتْهُ اِحْدٰىهُمَا تَمْشِيْ عَلَى اسْتِحْيَآءٍ ۫
قَالَتْ اِنَّ اَبِيْ يَدْعُوْكَ لِيَجْزِيَكَ اَجْرَ مَا
سَقَيْتَ لَنَا ؕ فَلَمَّا جَآءَهٗ وَقَصَّ عَلَيْهِ
الْقَصَصَ ۙ قَالَ لَا تَخَفْ ٜ نَجَوْتَ مِنَ
الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٢٥﴾

(٢٥) (خدا سندس دعا ٻڌي، جلد ئي) پوءِ انهن (نوجوان عورتن) مان هڪڙي شرم ۽ حيا سان هلندي وٽس آئي ۽ چوڻ لڳي تہ منهنجي بابا توکي دعوت ڏئي گهرايو آهي. انهيءَ لاءِ تہ تو جو اسان جي لاءِ اسان جي ٻڪرين کي پاڻي پيئاريو تنهن جو توکي ڪو عيوضو ڏئي. پوءِ جڏهن حضرت موسيٰ انهيءَ (پير مرد) وٽ آيو ۽ کيس پنهنجو سڄو قصو (ڄمڻ کان وٺي مصر ڇڏي مدين ۾ پهچڻ تائين) ٻڌايائين تڏهن پير مرد چيو تہ (هاڻي) ڪوبہ خوف نہ ڪر، ظالم ماڻهن کان بچي آيو آهين (۽ هاڻي هتي هنن کان سلامت آهين.)

قَالَتْ اِحْدٰىهُمَا يٰۤاَبَتِ اسْتَاْجِرْهُ ۫ اِنَّ خَيْرَ
مَنِ اسْتَاْجَرْتَ الْقَوِيُّ الْاَمِيْنُ ﴿٢٦﴾

(٢٦) انهن (نوجوان عورتن) مان هڪڙيءَ پنهنجي پيءُ کي عرض ڪيو تہ منهنجا پيار بابا! هن (مرد) کي ڪنهن اجوري سان ملازم ڪري رک. ملازم ڪري رکڻ لاءِ بهترين ماڻهو تنهنجي لاءِ يقيناً اهو آهي جيڪو طاقتور ۽ ايماندار آهي.

قَالَ اِنِّيْۤ اُرِيْدُ اَنْ اُنْكِحَكَ اِحْدَى ابْنَتَيَّ
هٰتَيْنِ عَلٰۤى اَنْ تَاْجُرَنِيْ ثَمٰنِيَ حِجَجٍ ۚ فَاِنْ
اَتْمَمْتَ عَشْرًا فَمِنْ عِنْدِكَ ۚ وَمَاۤ اُرِيْدُ
اَنْ اَشُقَّ عَلَيْكَ ؕ سَتَجِدُنِيْۤ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ

(٢٧) (پوڙهي پنهنجي ڌيءُ جو عرض قبول ڪيو، حضرت موسيٰ کيس نهايت پسند پيو سو ڪي ڏينهن گذرڻ بعد کيس) چيائين تہ مان چاهيان ٿو تہ توکي هنن ٻن ڌيئرن مان هڪڙي پرڻائي ڏيان هن شرط تي تہ تون اٺ سال (هتي رهي) منهنجو ڪم ڪار ڪندو رهين، پر جيڪڏهن تون ڏهہ سال پورا ڪرين تہ تنهنجو احسان سمجهبو، پر مان نٿو چاهيان تہ

مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٢٧﴾

توکي تنگ ڪيان ۽ تڪليف ۾ وجهان. انشاءَ الله تون پاڻ ڏسندين تہ مان نيڪ ماڻهو آهيان (۽ تو سان چڱو سلوڪ ڪندس).

قَالَ ذٰلِكَ بَيْنِيْ وَ بَيْنَكَ ؕ اَيَّمَا الْاَجَلَيْنِ قَضَيْتُ فَلَا عُدْوَانَ عَلَيَّ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى مَا نَقُوْلُ وَكِيْلٌ ﴿٢٨﴾

(٢٨) حضرت موسيٰ جواب ۾ چيو تہ (مان خوشيءَ سان قبول ٿو ڪيان) توهان جي ۽ منهنجي وچ ۾ اهو اقرار ۽ قبوليت ٿي چڪي. انهن ٻن مدن مان جيڪو بہ پورو ڪيان تہ مون تي ڪا ميار يا رنجش نہ رهي. ۽ جيڪي اسان هن وقت پاڻ ۾ ڳالهہ ڪري رهيا آهيون تنهن تي الله تعاليٰ شاهد آهي.

رڪوع 4

**ڪيس نبوت ملي ۽ حڪم موجب فرعون ڏي ويو. فرعون نہ مڃيو ۽ ٻڏي مئو.**

فَلَمَّا قَضٰى مُوْسَى الْاَجَلَ وَسَارَ بِاَهْلِهٖۤ اٰنَسَ مِنْ جَانِبِ الطُّوْرِ نَارًا ۚ قَالَ لِاَهْلِهِ امْكُثُوْۤا اِنِّيْۤ اٰنَسْتُ نَارًا لَّعَلِّيْۤ اٰتِيْكُمْ مِّنْهَا بِخَبَرٍ اَوْ جَذْوَةٍ مِّنَ النَّارِ لَعَلَّكُمْ تَصْطَلُوْنَ ﴿٢٩﴾

(٢٩) (حضرت موسيٰ پير مرد جي ڌيءُ سان شادي ڪئي) پوءِ جڏهن (اتي رهڻ جو) مدو پورو ڪيائين ۽ پنهنجي ٻارن ٻچن سميت سفر تي نڪتو تڏهن (واٽ ويندي) طور جبل جي هڪڙي پاسي باهہ ڏٺائين. پنهنجي ٻارن ٻچن کي چيائين تہ مون هڪڙي باهہ ڏٺي آهي. توهان هتي بيهو تہ (مان اوڏاهين وڃي) اتان ڪا خبر لهي (رستو وغيره پڇي) اوهان ڏي موٽي اچان يا باهہ مان ڪو ٽانڊو ڪڻي اچان تہ توهان (باهہ ٻاري) سيءُ لاهيو ۽ تئہ وٺو.

فَلَمَّاۤ اَتٰىهَا نُوْدِيَ مِنْ شَاطِئِ الْوَادِ الْاَيْمَنِ فِي الْبُقْعَةِ الْمُبٰرَكَةِ مِنَ الشَّجَرَةِ اَنْ يّٰمُوْسٰۤى اِنِّيْۤ اَنَا اللّٰهُ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٣٠﴾

(٣٠) پوءِ جڏهن حضرت موسيٰ باهہ واري هنڌ پهتو، تڏهن ماٿريءَ جي ساڄي ڪناري کان ان برڪت واري جاءِ تي وڻ منجهان آواز آيو تہ، اي موسيٰ! مان اهو الله آهيان جو سڄي جهان جو پروردگار آهيان.

وَاَنْ اَلْقِ عَصَاكَ ؕ فَلَمَّا رَاٰهَا تَهْتَزُّ كَاَنَّهَا جَآنٌّ وَّلّٰى مُدْبِرًا وَّلَمْ يُعَقِّبْ ؕ يٰمُوْسٰۤى اَقْبِلْ وَلَا تَخَفْ ۫ اِنَّكَ مِنَ الْاٰمِنِيْنَ ﴿٣١﴾

(٣١) ۽ (اي موسيٰ!) پنهنجي لٺ اڇلاءِ، (لٺ اڇلايائين تہ نانگ ٿي پيئي) پوءِ جڏهن ان کي اهڙيءَ طرح چرندو ڏٺائين جو ڄڻ تہ وڏي بلا آهي، تڏهن پٺي ڏيئي وٺي ڀڳو ۽ هڪ قدم بہ پوئتي نہ موٽيو. (تنهن تي اسان کيس فرمايو تہ) اي موسيٰ (موٽي) وڏي اچ ۽ ڊڄ نہ، ڇو تہ تون هتي امن امان هيٺ بلڪل سلامت آهين.

اُسْلُكْ يَدَكَ فِيْ جَيْبِكَ تَخْرُجْ بَيْضَآءَ مِنْ غَيْرِ سُوْٓءٍ ؗ وَّاضْمُمْ اِلَيْكَ جَنَاحَكَ مِنَ الرَّهْبِ فَذٰنِكَ بُرْهَانٰنِ مِنْ رَّبِّكَ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهٖ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا فٰسِقِيْنَ ﴿٣٢﴾

(٣٢) (اي موسيٰ هاڻ وري) پنهنجو هٿ گريبان ۾ وجهہ (پوءِ ڇا ٿيندو جو) اهو هٿ بنا ڪنهن داغ يا خرابيءَ جي چنڊ وانگي چمڪندي ٻاهر ايندو ۽ خوف لاهڻ لاءِ پنهنجو هٿ وري پنهنجي پاسي کي لڳائي ڇڏ. اهي ٻہ نشانيون يا معجزا تنهنجي رب جي طرفان فرعون ۽ سندس سردارن (کي سمجهائڻ) لاءِ آهن. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ هو بيحد بي فرمان بدڪار ماڻهو آهي.

قَالَ رَبِّ اِنِّيْ قَتَلْتُ مِنْهُمْ نَفْسًا فَاَخَافُ اَنْ يَّقْتُلُوْنِ ﴿٣٣﴾

(٣٣) حضرت موسيٰ چيو تہ اي منهنجا رب! مون انهن ماڻهن مان هڪڙي شخص کي قتل ڪري وڌو هو. سو مون کي ڊپ آهي تہ هو مون کي قتل ڪري ڇڏيندا.

| | |
|---|---|
| وَاَخِيْ هٰرُوْنُ هُوَ اَفْصَحُ مِنِّيْ لِسَانًا فَاَرْسِلْهُ مَعِيَ رِدْاً يُّصَدِّقُنِيْٓ اِنِّيْٓ اَخَافُ اَنْ يُّكَذِّبُوْنِ ﴿۳۴﴾ | (٣٤) ۽ (اي رب منهنجا) منهنجو ڀاءُ هارون مون کان وڌيڪ سٺو ڳالهائيندڙ آهي. سو مون سان گڏ هن کي بہ (پيغمبر ڪري) موڪل تہ منهنجو مددگار ٿئي ۽ منهنجي ڳالهہ کي ٽيڪو ڏئي (۽ تائيد ڪري) ڇو تہ مون کي خوف آهي تہ اهي (بدڪار) مون کي ڪوڙو سمجهي منهنجي ڳالهہ نہ مڃيندا. |
| قَالَ سَنَشُدُّ عَضُدَكَ بِاَخِيْكَ وَنَجْعَلُ لَكُمَا سُلْطٰنًا فَلَا يَصِلُوْنَ اِلَيْكُمَا ۚ بِاٰيٰتِنَآ ۚ اَنْتُمَا وَمَنِ اتَّبَعَكُمَا الْغٰلِبُوْنَ ﴿۳۵﴾ | (٣٥) الله تعاليٰ (تنهن تي حضرت موسيٰ کي) فرمايو تہ اسان تنهنجي ڀاءُ (کي تو سان ڀانهن ٻيلي ڪرڻ) سان تنهنجا ٻانهن مضبوط ڪنداسين ۽ توهان ٻنهي کي سند ۽ اختيار ڏينداسين هو توهان کي ڇهي بہ نہ سگهندا (يعني توهان جو وار بہ ونگو نہ ڪري سگهندا). توهان ٻئي ۽ توهان جي پيروي ڪندڙ اسان جي نشانين ۽ معجزن جي وسيلي غالب رهندؤ. |
| فَلَمَّا جَآءَهُمْ مُّوْسٰى بِاٰيٰتِنَا بَيِّنٰتٍ قَالُوْا مَا هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ مُّفْتَرًى وَّمَا سَمِعْنَا بِهٰذَا فِيْٓ اٰبَآئِنَا الْاَوَّلِيْنَ ﴿۳۶﴾ | (٣٦) پوءِ جڏهن حضرت موسيٰ انهن ڏانهن (يعني فرعون ۽ سندس سردارن ڏانهن) اسان جي چٽين نشانين سان آيو تڏهن هنن چيو تہ هي ڪجهہ نہ آهي، هي تہ رڳو هٿرادو ٺهيل جادوءَ جو کيل آهي. ۽ اسان اهي ڳالهيون (توحيد، رسالت ۽ وحي جون) تہ پنهنجي اڳوڻن ابن ڏاڏن کان ڪڏهن بہ ڪونہ ٻڌيون. |
| وَقَالَ مُوْسٰى رَبِّيْٓ اَعْلَمُ بِمَنْ جَآءَ بِالْهُدٰى مِنْ عِنْدِهٖ وَمَنْ تَكُوْنُ لَهٗ عَاقِبَةُ الدَّارِ ۭ اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿۳۷﴾ | (٣٧) (تنهن تي) حضرت موسيٰ فرمايو تہ (توهان مڃو يا نہ مڃو پر) منهنجو رب انهيءَ کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو جيڪو وٽانئس هدايت (۽ حڪم ۽ پيغام) کڻي آيو آهي ۽ جنهن جي لاءِ عاقبت جو (چڱو) گهر آهي. (يعني جنهن جي پڇاڙي چڱي ٿيندي) ۽ هيءُ بہ يقين آهي تہ ظالم ڪڏهن بہ ڪامياب ڪونہ ٿيندا. |
| وَقَالَ فِرْعَوْنُ يٰٓاَيُّهَا الْمَلَاُ مَا عَلِمْتُ لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرِيْ ۚ فَاَوْقِدْ لِيْ يٰهَامٰنُ عَلَى الطِّيْنِ فَاجْعَلْ لِّيْ صَرْحًا لَّعَلِّيْٓ اَطَّلِعُ اِلٰٓى اِلٰهِ مُوْسٰى ۙ وَاِنِّيْ لَاَظُنُّهٗ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿۳۸﴾ | (٣٨) ۽ فرعون چيو تہ اي سردارؤ! مان تہ ڄاڻان ٿو تہ مون کان سواءِ توهان جو ڪوبہ معبود ڪونهي. اي هامان! تون منهنجي لاءِ مٽيءَ جي سرن کي ڪوري ۾ پچاراءِ ۽ پوءِ هڪ وڏي مٿاهين محلات تيار ڪراءِ تہ مان مٿي چڙهي موسيٰ جي معبود کي ڏسان، اگرچہ مون کي تہ پنهنجي سر يقين آهي تہ هو ڪوڙو آهي. |
| وَاسْتَكْبَرَ هُوَ وَجُنُوْدُهٗ فِي الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَظَنُّوْٓا اَنَّهُمْ اِلَيْنَا لَا يُرْجَعُوْنَ ﴿۳۹﴾ | (٣٩) ۽ فرعون ۽ سندس لشڪرن ملڪ ۾ ناحق تڪبر ۽ سرڪشي ڪئي ۽ سمجهيائون ٿي تہ هو ڪڏهن بہ اسان وٽ (سزا لاءِ) رجوع ڪونہ ڪندا. |
| فَاَخَذْنٰهُ وَجُنُوْدَهٗ فَنَبَذْنٰهُمْ فِي الْيَمِّ ۚ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۴۰﴾ | (٤٠) تنهن ڪري اسان کيس ۽ سندس لشڪرن جي پڪڙ ڪئي ۽ انهن کي سمنڊ ۾ اڇلائي وڌو. سو ڏسو تہ ظالمن جي پڇاڙي ڪهڙي نہ خراب ٿي. |
| وَجَعَلْنٰهُمْ اَئِمَّةً يَّدْعُوْنَ اِلَى النَّارِ ۚ وَ | (٤١) ۽ اسان هنن (ظالمن) کي اهڙو ليڊر بنايو جو (ماڻهن کي) دوزخ جي |

يَوْمَ الْقِيٰمَةِ لَا يُنْصَرُوْنَ ﴿٤١﴾

طرف سڏيندا هئا (يعني ماڻهن کي غلط طريقي تي هلائي دوزخ لاءِ تيار ڪندا هئا) پر قيامت جي ڏينهن (سخت عذاب ۾ پوندا ۽) هنن کي ڪا به مدد ڪانه ملندي.

وَاَتْبَعْنٰهُمْ فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا لَعْنَةً ۚ وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ هُمْ مِّنَ الْمَقْبُوْحِيْنَ ﴿٤٢﴾

(٤٢) ۽ هن دنيا ۾ اسان هنن جي پٺيان لعنت لڳائي ڇڏي، ۽ قيامت جي ڏينهن به هو انهن ۾ هوندا جيڪي نفرت ۽ ڌڪار جي لائق آهن.

رڪوع 5

**حضرت موسىٰ جي قصي جي حوالي سان قريشن کي سمجهاڻي ۽ نصيحت.**

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ مِنْۢ بَعْدِ مَآ اَهْلَكْنَا الْقُرُوْنَ الْاُوْلٰى بَصَآئِرَ لِلنَّاسِ وَهُدًى وَّرَحْمَةً لَّعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٤٣﴾

(٤٣) ۽ هيءَ حقيقت آهي ته اسان اڳوڻين امتن کي تباهه ڪرڻ بعد حضرت موسىٰ کي اهڙو ڪتاب (دين ۽ شريعت جو) ڏنو جو (ماڻهن لاءِ) بصيرت ۽ روشني هو ۽ جو سڌي واٽ ڏيکاريندڙ ۽ سراسر رحمت هو. (اهو ڪتاب انهيءَ لاءِ موڪليو ويو) ته ماڻهو نصيحت حاصل ڪن (۽ نيڪ عمل ڪري خوشحال ٿين).

وَمَا كُنْتَ بِجَانِبِ الْغَرْبِيِّ اِذْ قَضَيْنَآ اِلٰى مُوْسَى الْاَمْرَ وَمَا كُنْتَ مِنَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿٤٤﴾

(٤٤) ۽ (اي پيغمبر) جڏهن اسان موسىٰ کي (نبوت ۽) حڪم ڏنو تڏهن تون (طوىٰ ماٿري جي) اولهه طرف (جتي اهو واقعو ٿيو هو) موجود ڪونه هئين نڪي تو پنهنجي اکين سان اهو واقعو ڏٺو.

وَلٰكِنَّآ اَنْشَاْنَا قُرُوْنًا فَتَطَاوَلَ عَلَيْهِمُ الْعُمُرُ ۚ وَمَا كُنْتَ ثَاوِيًا فِيْٓ اَهْلِ مَدْيَنَ تَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِنَا ۙ وَلٰكِنَّا كُنَّا مُرْسِلِيْنَ ﴿٤٥﴾

(٤٥) بلڪ اسان (حضرت موسىٰ جي زماني ۽ تنهنجي زماني جي وچ ۾) گهڻيون ئي پيڙهيون پيدا ڪيون ۽ انهن جي گذري وڃڻ کان پوءِ به زمانا گذري چڪا آهن. تون مدين جي ماڻهن ۾ رهيو ئي ڪونه هئين جو انهن کي اسان جون آيتون پڙهي ٻڌائين ها. پر حقيقت هيءَ آهي ته اسان رسول موڪليندا رهيا آهيون (۽ توکي به رسول ڪري موڪليو اٿئون ۽ اگرچه تون طور جبل وٽ ڪونه هئين نڪي ٻيا اڳوڻا واقعا توڏٺا ته به وحيءَ جي رستي توکي اهي خبرون ٻڌايون ٿا).

وَمَا كُنْتَ بِجَانِبِ الطُّوْرِ اِذْ نَادَيْنَا وَلٰكِنْ رَّحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ لِتُنْذِرَ قَوْمًا مَّآ اَتٰىهُمْ مِّنْ نَّذِيْرٍ مِّنْ قَبْلِكَ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٤٦﴾

(٤٦) نڪي تون انهيءَ وقت طور جبل جي پاسي ۾ هئين جڏهن اسان موسىٰ کي سڏ ڪيو هو، پر (اها) تنهنجي پروردگار جي رحمت آهي (جو توکي وحي جي رستي اڳوڻن پيغمبرن ۽ ماڻهن جا احوال ٻڌايا اٿئون) انهيءَ لاءِ ته تون (اهي قصا عبرت وٺڻ لاءِ هنن ماڻهن کي ٻڌائين) هنن (قريش) قوم جي ماڻهن کي خبردار ڪرين جن ڏي توکان اڳي ڪو به خبردار ڪندڙ (رسول) ڪونه آيو آهي (سو ڪين اهي قصا ٻڌاءِ ۽ خبردار ڪر) ته من نصيحت حاصل ڪن (۽ نيڪ عمل ڪن).

وَلَوْلَآ اَنْ تُصِيْبَهُمْ مُّصِيْبَةٌ ۢ بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ فَيَقُوْلُوْا رَبَّنَا لَوْلَآ

(٤٧) جيڪڏهن ائين نه هجي ها (جو اسان توکي هنن قريشن ڏانهن پيغمبر ڪري نه موڪليون ها) ۽ ڪا مصيبت هنن تي سندن ئي بدعملن

اَرۡسَلۡتَ اِلَيۡنَا رَسُوۡلًا فَنَتَّبِعَ اٰيٰتِكَ وَنَكُوۡنَ مِنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿۴۷﴾

سبب اچي ڪڙڪي ها ته پوءِ هو چون ها ته اي اسان جا پروردگار چو نه اسان ڏي ڪو رسول موڪليو؟ (جيڪڏهن ڪو رسول موڪلين ها) ته پوءِ اسان تنهنجي حڪمن جي پيروي ڪيون ها ۽ (ايمان وارا) مؤمن ٿيون ها.

فَلَمَّا جَآءَهُمُ الۡحَقُّ مِنۡ عِنۡدِنَا قَالُوۡا لَوۡلَاۤ اُوۡتِىَ مِثۡلَ مَاۤ اُوۡتِىَ مُوۡسٰى ؕ اَوَلَمۡ يَكۡفُرُوۡا بِمَاۤ اُوۡتِىَ مُوۡسٰى مِنۡ قَبۡلُ ۚ قَالُوۡا سِحۡرٰنِ تَظَاهَرَا ۗ وَقَالُوۡۤا اِنَّا بِكُلٍّ كٰفِرُوۡنَ ﴿۴۸﴾

(۴۸) پر (هاڻي) جڏهن ته اسان جي طرف کان هنن وٽ حق (جو پيغمان) اچي ويو آهي تڏهن چوڻ لڳا آهن ته جهڙا معجزا حضرت موسىٰ کي ڏنا ويا هئا تهڙا هنن کي چو نه ڏنا ويا آهن. جيڪي اڳي حضرت موسىٰ کي ڏنو ويو هو، تنهن کي هنن (قريشن) ڪوڙو نهرائي رد نه ڪيو آهي ڇا؟ هو ته (ڪليو ڪلايو) چوندا آهن ته اهي ٻئي (تورات ۽ قرآن) جادوءَ جا ڪرشما آهن جي ٻئي هڪ ٻئي کي ٽيڪو ٽا ڏين (۽ هڪبئي جي تائيد تا ڪن) ۽ هو ائين به چوندا آهن ته اسان کي اهڙين سيني ڳالهين کان انڪار آهي.

قُلۡ فَاۡتُوۡا بِكِتٰبٍ مِّنۡ عِنۡدِ اللّٰهِ هُوَ اَهۡدٰى مِنۡهُمَاۤ اَتَّبِعۡهُ اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ ﴿۴۹﴾

(۴۹) (اي پيغمبر تون کين) چئو ته، ڀلا توهان ئي الله تعالىٰ وٽان ڪو اهڙو ڪتاب آڻيو جيڪو انهن ٻنهي (تورات ۽ قرآن) کان بهتر هدايت ڏيندڙ هجي ته مان ان جي پيروي ڪيان. (آڻيو اهڙو ڪتاب) جيڪڏهن توهان (پنهنجي دعوىٰ ۾) سچا آهيو.

فَاِنۡ لَّمۡ يَسۡتَجِيۡبُوۡا لَكَ فَاعۡلَمۡ اَنَّمَا يَتَّبِعُوۡنَ اَهۡوَآءَهُمۡ ؕ وَمَنۡ اَضَلُّ مِمَّنِ اتَّبَعَ هَوٰٮهُ بِغَيۡرِ هُدًى مِّنَ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهۡدِى الۡقَوۡمَ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿۵۰﴾

(۵۰) پوءِ به جيڪڏهن هو تنهنجي ڳالهه نه مڃين ته يقين ڄاڻو ته هو رڳو پنهنجي (نفساني) خواهشن جي پيروي ڪري رهيا آهن، ۽ ڪير وڌيڪ گمراهه ٿي سگهي ٿو انهيءَ شخص کان جو الله وٽان مليل هدايت کي ڇڏي پنهنجي نفساني خواهش جي پيروي ٿو ڪري؟ بيشڪ الله تعالىٰ ظالم ماڻهن کي سڌيءَ واٽ تي نٿو لڳائي.

## رڪوع 6

**مومنن جون خصلتون. صحيح واٽ انهن کي ملي ٿي جيڪي دل سان صحيح واٽ لهڻ چاهن ٿا.**

وَلَقَدۡ وَصَّلۡنَا لَهُمُ الۡقَوۡلَ لَعَلَّهُمۡ يَتَذَكَّرُوۡنَ ؕ ﴿۵۱﴾

(۵۱) ۽ هيءَ حقيقت آهي ته هاڻي اسان هنن (قريشن) کي پنهنجو ڪلام (۽ حڪم احڪام) پهچايا آهن، انهيءَ لاءِ ته من نصيحت وٺن. (۽ چڱا عمل ڪن).

اَلَّذِيۡنَ اٰتَيۡنٰهُمُ الۡكِتٰبَ مِنۡ قَبۡلِهٖ هُمۡ بِهٖ يُؤۡمِنُوۡنَ ﴿۵۲﴾

(۵۲) جن ماڻهن (بني اسرائيلن وغيره) ڏي اسان اڳي ئي ڪتاب موڪليو هو (۽ جي ان ڪتاب تي سچيءَ دل سان عمل ڪندا هئا) سي هن قرآن تي به ايمان آڻي رهيا آهن (چو ته اهي قرآن جي حقانيت آسانيءَ سان سمجهي سگهن ٿا).

وَاِذَا يُتۡلٰى عَلَيۡهِمۡ قَالُوۡۤا اٰمَنَّا بِهٖۤ اِنَّهُ الۡحَـقُّ مِنۡ رَّبِّنَاۤ اِنَّا كُنَّا مِنۡ قَبۡلِهٖ مُسۡلِمِيۡنَ ﴿۵۳﴾

(۵۳) ۽ جڏهن انهن کي قرآن پڙهي ٻڌايو وڃي ٿو تڏهن هو (هڪدم) چئي ٿا ڏين ته اسان ان تي ايمان آندو آهي. بيشڪ اهو اسان جي پروردگار

وٺان آيل آهي ۽ حق آهي. اسان تہ هن کان اڳ ئي مسلمان هئاسين (۽ خدا جا فرمانبردار ٻانها هئاسين.)

أُولَٰئِكَ يُؤْتَوْنَ أَجْرَهُم مَّرَّتَيْنِ بِمَا صَبَرُوا وَيَدْرَءُونَ بِالْحَسَنَةِ السَّيِّئَةَ وَمِمَّا رَزَقْنَاهُمْ يُنفِقُونَ ﴿٥٤﴾

(٥٤) انهن ماڻهن کي ٻيڻو اجر ملندو، ڇو تہ هو حق تي محڪم رهيا (پنهنجي قوم جي دشمني سر تي کڻي بہ قرآن تي ايمان آندائون ۽ سختيون صبر سان سٺائون) ۽ هو برائي کي نيڪيءَ سان دور ڪري ٿا ڇڏين ۽ جيڪو رزق اسان کين ڏنو آهي تنهن مان (ڪجهہ خدا جي راه ۾) خرچ ٿا ڪن.

وَإِذَا سَمِعُوا اللَّغْوَ أَعْرَضُوا عَنْهُ وَقَالُوا لَنَا أَعْمَالُنَا وَلَكُمْ أَعْمَالُكُمْ سَلَامٌ عَلَيْكُمْ لَا نَبْتَغِي الْجَاهِلِينَ ﴿٥٥﴾

(٥٥) ۽ اهي (مؤمن) جڏهن (ڪنهن ماڻهوءَ جي واتان) بيهوديون ڳالهيون ٻڌن ٿا تڏهن ان کان (مان شان ۽ فضيلت جي نموني ۾ ۽ نہ آڪڙ يا نفرت سان) پاسو ڪري هليا وڃن ٿا ۽ چون ٿا تہ اسان پنهنجن عملن جو نتيجو ڏسنداسين ۽ اوهان پنهنجن عملن جو نتيجو ڏسندؤ (هرهڪ انسان پنهنجي عملن لاءِ ذميوار آهي. چڱا عمل ڪندو تہ پاڻ فائدو ماڻيندو ۽ برا عمل ڪندو تہ پاڻ کي نقصان رسائيندو) توهان تي سلامتي هجي. اسان جاهلن جي صحبت کان پري رهڻ پسند ٿا ڪيون.

إِنَّكَ لَا تَهْدِي مَنْ أَحْبَبْتَ وَلَٰكِنَّ اللَّهَ يَهْدِي مَن يَشَاءُ ۚ وَهُوَ أَعْلَمُ بِالْمُهْتَدِينَ ﴿٥٦﴾

(٥٦) (اي پيغمبر!) ائين ٿي نٿو سگهي جو جنهن ماڻهوءَ سان تون حب رکندڙ هجين تنهن کي تون هدايت تي آڻين پر الله ئي آهي جو جنهن کي وڻيس تنهن کي سڌيءَ واٽ تي لڳائي. ۽ اهو الله ئي ڄاڻي ٿو تہ ڪهڙا ماڻهو سڌيءَ راهہ تي اچڻ وارا آهن.

وَقَالُوا إِن نَّتَّبِعِ الْهُدَىٰ مَعَكَ نُتَخَطَّفْ مِنْ أَرْضِنَا ۚ أَوَلَمْ نُمَكِّن لَّهُمْ حَرَمًا آمِنًا يُجْبَىٰ إِلَيْهِ ثَمَرَاتُ كُلِّ شَيْءٍ رِّزْقًا مِّن لَّدُنَّا وَلَٰكِنَّ أَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُونَ ﴿٥٧﴾

(٥٧) ۽ (اي پيغمبر ڪي ضعيف دل وارا بي وقوف ماڻهو توکي) چون ٿا تہ جيڪڏهن اسان توسان شامل ٿي (تنهنجي ڏيکاريل) هدايت جي پيروي ڪنداسين تہ اسان کي پنهنجي زمين (يعني گهر ۽ شهر) مان ئي پڪڙي ڪنيو ويندو. (الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ) ڇا اسان کين (مڪي جي) حرم ۾ امن امان جي جڳهہ نہ ڏني آهي؟ جتي هر قسم جا ميوا (اناج ٻاڄيون وغيره هر طرف کان) ڪڄي ڇڪجي اچن ٿا. اهو اسان جي طرف کان رزق آهي پر انهن مان گهڻا اها ڳالهہ نٿا ڄاڻن ۽ سمجهن.

وَكَمْ أَهْلَكْنَا مِن قَرْيَةٍ بَطِرَتْ مَعِيشَتَهَا ۖ فَتِلْكَ مَسَاكِنُهُمْ لَمْ تُسْكَن مِّن بَعْدِهِمْ إِلَّا قَلِيلًا ۖ وَكُنَّا نَحْنُ الْوَارِثِينَ ﴿٥٨﴾

(٥٨) ۽ ڪيترا نہ شهر اسان نابود ڪري ڇڏيا جن جا ماڻهو پنهنجي عيش عشرت جي سامان ۽ مال متاع تي ناز ۽ فخر ڪندا هئا (۽ بدعمل ڪندا هئا) سو (ڏسو) اهي اٿو هنن جا گهر جي هنن کان پوءِ سواءِ ڪن ٿورن گهرن جي ويران پيا آهن ۽ اسان ئي انهن جا وارث ٿياسين.

وَمَا كَانَ رَبُّكَ مُهْلِكَ الْقُرَىٰ حَتَّىٰ يَبْعَثَ

(٥٩) ۽ (اي پيغمبر) تنهنجو پروردگار اهڙو ناهي جو بستيون ۽ شهر برباد ڪري ڇڏي، جستائين پهريائين انهن جي مرڪزي شهر ۾ هڪڙو رسول

فِيْٓ اُمِّهَا رَسُوْلًا يَّتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِنَا ۚ وَمَا كُنَّا
مُهْلِكِي الْقُرٰٓى اِلَّا وَاَهْلُهَا ظٰلِمُوْنَ ﴿٥٩﴾

نہ موڪلي. جو اسان جا حڪم کين پڙهي ٻڌائي (۽ پوءِ بہ هو انهن حڪمن جي پيروي نہ ڪن) ۽ اسان ڪڏهن بہ شهر کي برباد نٿا ڪيون، سواءِ هن حالت جي جو انهن جا ماڻهو ظلم ڪندڙ (۽ خدا جي نافرماني ڪندڙ) هجن.

وَمَآ اُوْتِيْتُمْ مِّنْ شَيْءٍ فَمَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا
وَزِيْنَتُهَا ۚ وَمَا عِنْدَ اللّٰهِ خَيْرٌ وَّاَبْقٰى ۭ اَفَلَا
تَعْقِلُوْنَ ﴿٦٠﴾

(٦٠) ۽ (ياد رکو تہ) جيڪي بہ شيون (مال رزق) اوهان کي ڏنيون ويون آهن، سي فقط هن دنيا جي زندگيءَ جو سامان آهي ۽ ان جو زيب زينت آهي. (هيءَ زندگي گهڙيءَ جو جهٽڪو آهي.) ۽ (ياد رکو تہ) جيڪي الله وٽ آهي (يعني روحاني خوشيون ۽ مرڻ بعد جنت جون نعمتون) گهڻو بهتر ۽ گهڻو جٽاءُ ڪندڙ (يعني دائمي) آهي. ڇا توهان ايترو بہ نٿا سمجهو؟

رڪوع 7

**جنتي ماڻهن ۽ دوزخي ماڻهن جي وچ ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق آهي.**

اَفَمَنْ وَّعَدْنٰهُ وَعْدًا حَسَنًا فَهُوَ لَاقِيْهِ
كَمَنْ مَّتَّعْنٰهُ مَتَاعَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ثُمَّ هُوَ
يَوْمَ الْقِيٰمَةِ مِنَ الْمُحْضَرِيْنَ ﴿٦١﴾

(٦١) ڇا اهو شخص جنهن سان اسان (ڪاميابي ۽ سعادت جو) نيڪ واعدو ڪيو آهي ۽ جو انهيءَ (واعدي واري ڪاميابي ۽ سعادت) حاصل بہ ڪندو سو انهيءَ شخص جهڙو آهي جنهن کي اسان دنيائي زندگيءَ جو مال متاع ڏنو (تنهن هوندي بہ بي شڪر ٿي نافرماني ۽ بدعمل ڪيائين) پوءِ هو قيامت جي ڏينهن انهن ماڻهن جي قطار ۾ هوندو جيڪي (سزا ملڻ لاءِ) حاضر ڪيا ويندا؟

وَيَوْمَ يُنَادِيْهِمْ فَيَقُوْلُ اَيْنَ شُرَكَاۗءِيَ
الَّذِيْنَ كُنْتُمْ تَزْعُمُوْنَ ﴿٦٢﴾

(٦٢) ۽ انهيءَ ڏينهن خدا انهن (نافرمان ماڻهن) کي سڏي پڇندو تہ ڪٿي آهن اوهان جا اهي معبود (بت، نفساني خواهشون يا چالاڪ يا زبردست ماڻهو) جن کي توهان منهنجا شريڪ سمجهندا هئو؟

قَالَ الَّذِيْنَ حَقَّ عَلَيْهِمُ الْقَوْلُ رَبَّنَا هٰٓؤُلَاۗءِ
الَّذِيْنَ اَغْوَيْنَا ۚ اَغْوَيْنٰهُمْ كَمَا غَوَيْنَا ۚ
تَبَرَّاْنَآ اِلَيْكَ ۡ مَا كَانُوْٓا اِيَّانَا يَعْبُدُوْنَ ﴿٦٣﴾

(٦٣) اهي ماڻهو جيڪي خدا جي عذاب جا حقدار ثابت ٿيندا (يعني جن تي خدا جي عذاب وارو قول سچو ثابت ٿيندو) سي (انهيءَ ڏينهن) چوندا تہ اي اسان جا پروردگار! هي آهن اهي جن کي اسان گمراهہ ڪيوسين، جيئن اسان پاڻ بہ گهمراهہ هئاسين، تيئن هنن کي بہ گمراهہ ڪيوسين. اسان تنهنجي حضور ۾ هنن کان بيزار ۽ دستبردار ٿيون ٿا. (سچ هي آهي تہ) هو اسان جي ٻانهپ نہ ڪندا هئا، (پر پنهنجي جهل ۽ نفساني خواهشن جي پنيان لڳي اسان جي انهيءَ قول تي هلندا هئا جو ڪين وڻندو هو).

وَقِيْلَ ادْعُوْا شُرَكَاۗءَكُمْ فَدَعَوْهُمْ فَلَمْ
يَسْتَجِيْبُوْا لَهُمْ وَرَاَوُا الْعَذَابَ ۚ لَوْ اَنَّهُمْ
كَانُوْا يَهْتَدُوْنَ ﴿٦٤﴾

(٦٤) ۽ (مشرڪن کي) چيو ويندو تہ (هاڻي) سڏيو پنهنجي انهن معبودن کي جن کي خدا سان شريڪ ڪندا هئو (۽ ڪين عرض ڪيو تہ اوهان جي سفارش ڪن ۽ اوهان کي عذاب کان بچائين) تنهن تي اهي پنهنجي معبودن کي سڏيندا پر اهي ڪين جواب ئي ڪونہ ڏيندا ۽ هو عذاب کي

پنهنجي اکين اڳيان ڏسندا. ڪهڙو نہ چڱو ٿئي ها جيڪڏهن هو هدايت وارو سڌو رستو وٺن ها.

وَيَوْمَ يُنَادِيهِمْ فَيَقُولُ مَاذَآ أَجَبْتُمُ الْمُرْسَلِينَ ﴿٦٥﴾

(٦٥) ۽ انهيءَ ڏينهن خدا (منڪرن کي) سڏي چوندو تہ توهان (منهنجي موڪليل) رسولن کي ڪهڙو جواب ڏنو؟ (۽ ڪيتري قدر سندن نصيحتن تي عمل ڪيو؟)

فَعَمِيَتْ عَلَيْهِمُ الْأَنۢبَآءُ يَوْمَئِذٍ فَهُمْ لَا يَتَسَآءَلُونَ ﴿٦٦﴾

(٦٦) پر انهيءَ ڏينهن هنن کي ڪابہ ڳالهہ سمجهہ ۾ ئي نہ ايندو (تنهن ڪري ڪو جواب ئي ڪونہ ڏئي سگهندا) نڪي هو هڪٻئي کان ڪجهہ پڇي سگهندا.

فَأَمَّا مَن تَابَ وَءَامَنَ وَعَمِلَ صَٰلِحًا فَعَسَىٰٓ أَن يَكُونَ مِنَ الْمُفْلِحِينَ ﴿٦٧﴾

(٦٧) پر جنهن شخص (دنيوي زندگيءَ ۾ ئي بي ايماني ۽ بدعملي ڇڏي خدا ڏي) موٽ ڪئي ۽ (حق تي) ايمان آندائين ۽ صالح عمل بہ ڪيائين سو اميد رکي ٿو سگهي تہ انهن ۾ هوندو جيڪي ڪاميابي ۽ سعادت حاصل ڪندا.

وَرَبُّكَ يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ وَيَخْتَارُ ۗ مَا كَانَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ ۚ سُبْحَٰنَ اللَّهِ وَتَعَٰلَىٰ عَمَّا يُشْرِكُونَ ﴿٦٨﴾

(٦٨) ۽ (اي پيغمبر!) تنهنجو پروردگار جيڪي چاهي ٿو سو پيدا ڪري ٿو ۽ جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي (ڪنهن ڪم لاءِ) چوندي ڪٽي ٿو. اها ڳالهہ ماڻهن جي اختيار ۾ ناهي تہ هو پاڻ (خدائي ڪمن ۾ دست اندازيءَ ڪري) پاڻ چوندبہ ڪن. پاڪ آهي الله تعاليٰ (ٻين جي دست اندازيءَ کان يا ٻين جي مشوري ۽ مدد جي احتياج کان) ۽ هو اهڙن ڳالهين کان گهڻو بلند ۽ بالا آهي، جيڪي (بيوقوف ماڻهو) ساڻس لڳائين ٿا ۽ ساڻس شريڪ ڪن ٿا.

وَرَبُّكَ يَعْلَمُ مَا تُكِنُّ صُدُورُهُمْ وَمَا يُعْلِنُونَ ﴿٦٩﴾

(٦٩) ۽ تنهنجو پروردگار (سڀ ڪجهہ) ڄاڻي ٿو. جيڪي هنن (بدڪار ماڻهن) جي دلين ۾ لڪل آهي ۽ جيڪي هو ظاهر ڪن ٿا سو سڀ هو ڄاڻي ٿو (تنهن ڪري هنن کي سندن بد خيالن ۽ عملن جي سزا ضرور ڏيندو.)

وَهُوَ اللَّهُ لَآ إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ ۖ لَهُ الْحَمْدُ فِى الْأُولَىٰ وَالْءَاخِرَةِ ۖ وَلَهُ الْحُكْمُ وَإِلَيْهِ تُرْجَعُونَ ﴿٧٠﴾

(٧٠) ۽ اهوئي (هڪ) الله آهي هن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ معبود ڪونهي. اول توڙي آخر سڀ ساراهہ فقط الله جي لاءِ آهي ۽ حڪم يا حڪومت رڳو سندس آهي. ۽ اوهان سڀني کي ڏانهس ئي موٽڻو آهي.

قُلْ أَرَءَيْتُمْ إِن جَعَلَ اللَّهُ عَلَيْكُمُ الَّيْلَ سَرْمَدًا إِلَىٰ يَوْمِ الْقِيَٰمَةِ مَنْ إِلَٰهٌ غَيْرُ اللَّهِ يَأْتِيكُم بِضِيَآءٍ ۖ أَفَلَا تَسْمَعُونَ ﴿٧١﴾

(٧١) (اي پيغمبر! انهن ماڻهن کي) چئو تہ، ڀلا ڏسو تہ سهي تہ جيڪڏهن الله تعاليٰ هميشہ جي لاءِ قيامت جي ڏينهن تائين اوهان تي رات ئي رات ڪري ڇڏي (۽ ڏينهن اصل نہ ڪري) تہ الله کان سواءِ ٻيو ڪير آهي جو اوهان لاءِ (ڏينهن جهڙي) روشني آڻي؟ ڇا توهان ٻڌو نٿا؟ (نڪي ڪجهہ سمجهو ٿا؟)

قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ جَعَلَ اللّٰهُ عَلَيْكُمُ النَّهَارَ
سَرْمَدًا اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ مَنْ اِلٰهٌ غَيْرُ اللّٰهِ
يَاْتِيْكُمْ بِلَيْلٍ تَسْكُنُوْنَ فِيْهِ ؕ اَفَلَا تُبْصِرُوْنَ ﴿۷۲﴾

(٧٢) (کين هيئن بہ) چئو تہ ڀلا ڏسو تہ سهي تہ، جيڪڏهن الله تعاليٰ هميشہ جي لاءِ قيامت جي ڏينهن تائين ڏينهن کي قائم رکي تہ الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪهڙو معبود آهي جو توهان جي لاءِ رات کي آڻي جنهن ۾ توهان آرام وٺو؟ پوءِ ڇا توهان ڏسو ئي نٿا؟ (نکي غور ٿا ڪيو).

وَمِنْ رَّحْمَتِهٖ جَعَلَ لَكُمُ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ
لِتَسْكُنُوْا فِيْهِ وَلِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ وَ
لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۷۳﴾

(٧٣) ۽ اها سندس رحمت آهي جو هن اوهان جي لاءِ رات ۽ ڏينهن جو سلسلو رکيو آهي، انهيءَ لاءِ تہ توهان (رات جي وقت) آرام وٺو ۽ (ڏينهن جي وقت ڪم ڪاريون ڪيو ۽) الله جي فضل (يعني دولت) جي تلاش ڪيو ۽ انهيءَ لاءِ تہ توهان (سندس) شڪرگذاري ڪيو (يعني سندس نعمتن کي چڱيءَ طرح سندس حڪمن موجب ڪم آڻي پنهنجو ڀلو ڪيو).

وَيَوْمَ يُنَادِيْهِمْ فَيَقُوْلُ اَيْنَ شُرَكَآءِيَ
الَّذِيْنَ كُنْتُمْ تَزْعُمُوْنَ ﴿۷۴﴾

(٧٤) ۽ (وري بہ ياد رکو تہ) انهيءَ (قيامت جي) ڏينهن الله تعاليٰ هنن کي سڏي ڪانئن پڇندو تہ ڪٿي آهن اهي (اوهان جا) معبود جن کي منهنجا شريڪ (۽ مددگار) سمجهي ويٺا هيؤ؟ (هن وقت ڪوبہ ڪونهي جو اوهان جي سفارش ڪري ۽ اوهان کي عذاب کان بچائي).

وَنَزَعْنَا مِنْ كُلِّ اُمَّةٍ شَهِيْدًا فَقُلْنَا هَاتُوْا
بُرْهَانَكُمْ فَعَلِمُوْٓا اَنَّ الْحَقَّ لِلّٰهِ وَضَلَّ
عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿۷۵﴾ ع

(٧٥) ۽ اسان هرهڪ امت مان هڪڙو شاهد (سندن پيغمبر) ڪڍي ٻاهر ڪنداسين ۽ پوءِ (منڪرن کي) چونداسين تہ پنهنجيو دليل پيش ڪيو (تہ ڇو توهان منهنجي رسولن کي نہ مڃيو) پر پوءِ ان وقت هنن کي پوري پوري خبر پئجي ويندي تہ بيشڪ حق فقط الله جي لاءِ آهي (يعني جيڪي حڪم الله وٽان آيا فقط اهي ئي سچا، چڱا ۽ مفيد هئا) ۽ ٻيون جيڪي هٿرادو ڳالهيون هنن (منڪرن) ڪٽي بنايون هيون سي (انهيءَ ڏينهن) هنن کان گم ٿي وينديون.

## رڪوع 8

**دولت تي فخر ڪرڻ ۽ ان کي خدا جي راهہ ۾ خرچ نہ ڪرڻ تي قارون برباد ٿيو.**

اِنَّ قَارُوْنَ كَانَ مِنْ قَوْمِ مُوْسٰى فَبَغٰى
عَلَيْهِمْ ۪ وَاٰتَيْنٰهُ مِنَ الْكُنُوْزِ مَآ اِنَّ
مَفَاتِحَهٗ لَتَنُوْٓاُ بِالْعُصْبَةِ اُولِى الْقُوَّةِ ۗ اِذْ
قَالَ لَهٗ قَوْمُهٗ لَا تَفْرَحْ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ
الْفَرِحِيْنَ ﴿۷۶﴾

(٧٦) قارون دروحقيقت حضرت موسيٰ جي قوم جو ماڻهو هو. پر هو پنهنجي قوم جي ماڻهن تي ظلم ڪرڻ لڳو (۽ هنن کي نفرت سان ڏسڻ لڳو، ايتري آڪڙ ۽ هٺ وڏائي هن ڪري ٿيس جو) اسان هن کي دنيائي دولت جا وڏا خزانا ڏنا هئا ايترا جو انهن جون رڳو ڪنجيون بہ مضبوط ماڻهن جي هڪ ٽولي مشڪل ڪٽي سگهي ها. (سندس هٺ وڏائي ڪرڻ تي) سندس قوم جي ماڻهن کيس چئي ڏنو تہ آڪڙ نہ ڪر، ڇو تہ الله تعاليٰ يقيناً آڪڙ ڪندڙن کي پسند نٿو ڪري.

وَابْتَغِ فِيْمَآ اٰتٰىكَ اللّٰهُ الدَّارَ الْاٰخِرَةَ وَلَا
تَنْسَ نَصِيْبَكَ مِنَ الدُّنْيَا وَاَحْسِنْ كَمَآ

(٧٧) ۽ (قارون کي هيئن بہ چيائون تہ) الله تعاليٰ جيڪو توکي هيترو رزق ۽ مال دولت ڏني آهي تنهن سان (تون سخاوت ڪري) آخرت جي

أَحْسَنَ اللَّهُ إِلَيْكَ وَلَا تَبْغِ الْفَسَادَ فِي
الْأَرْضِ ۖ إِنَّ اللَّهَ لَا يُحِبُّ الْمُفْسِدِينَ ﴿٧٧﴾

گهر (يعني جنت) لاءِ تلاش (۽ طلب) ڪر، ۽ دنيا ۾ جيڪو تنهنجو حصو آهي سو بہ نہ ويسار (يعني پنهنجي دولت مان پنهنجي ۽ پنهنجي اولاد ۽ مائٽن جي جسم، دل ۽ دماغ جي سڌاري ۽ واڌاري ۽ خوشحال رهڻ لاءِ بہ خرچ ڪر) ۽ جيئن الله تعاليٰ توتي احسان ڪيو آهي، تيئن تون بہ (ماڻهن تي) احسان ڪر ۽ نہ (اتلندو) ملڪ ۾ فساد ۽ بگاڙو مچاءِ. يقيناً الله تعاليٰ فساد ۽ بگاڙو مچائيندڙن کي ناپسند ٿو ڪري.

قَالَ إِنَّمَا أُوتِيتُهُ عَلَىٰ عِلْمٍ عِندِي ۚ أَوَلَمْ
يَعْلَمْ أَنَّ اللَّهَ قَدْ أَهْلَكَ مِن قَبْلِهِ مِنَ
الْقُرُونِ مَنْ هُوَ أَشَدُّ مِنْهُ قُوَّةً وَأَكْثَرُ
جَمْعًا ۚ وَلَا يُسْأَلُ عَن ذُنُوبِهِمُ
الْمُجْرِمُونَ ﴿٧٨﴾

(٧٨) (قارون جواب ۾) چيو تہ (توهان اجائي بڪ بڪ ڪري رهيا آهيو) مون کي جو هيتري دولت ملي آهي سا يقيناً مون پنهنجي علم (عقل هنر ۽ محنت) سان هٿ ڪئي آهي (مون تي خدا ڪو احسان نہ ڪيو آهي). هن (بي وقوف) کي اها بہ خبر نہ هئي چا تہ الله تعاليٰ هن کان اڳي گهڻين ئي اهڙين امتن کي (سندن تڪبر ۽ ظلم سببان) برباد ڪري چڪو آهي، جيڪي هن (قارون) کان قوت ۾ گهڻو وڌيڪ هئا ۽ مال دولت بہ گهڻو وڌيڪ گڏ ڪيو هئائون ۽ (اها بہ ڪيس خبر ناهي چا تہ) گنهگارن کي سندن گناهن سببان (هڪدم ۽ بروقت) پڇا ڪانہ ڪبي آهي (بلڪ کين مهلت ڏبي آهي ۽ نہ مڙندا آهن تہ پوءِ کين ڪنڌ پر ڪيرائبو آهي.)

فَخَرَجَ عَلَىٰ قَوْمِهِ فِي زِينَتِهِ ۖ قَالَ الَّذِينَ
يُرِيدُونَ الْحَيَاةَ الدُّنْيَا يَا لَيْتَ لَنَا مِثْلَ مَا
أُوتِيَ قَارُونُ إِنَّهُ لَذُو حَظٍّ عَظِيمٍ ﴿٧٩﴾

(٧٩) سو (هڪڙي ڏينهن) اهو قارون وڏي دٻدٻي (۽ آڪڙ ۽ تجمل) سان پنهنجي قوم جي ماڻهن جي سامهون آيو. (سندس ظاهري تجمل ڏسي) انهن ماڻهن جيڪي هن دنيا جي زندگيءَ (جي ڏيک ويک) کي چاهيندا آهن، چيو تہ هاءِ هاءِ! جيڪر اسان کي اهڙي دولت ملي ها جهڙي قارون کي ملي آهي (تہ ڪهڙو نہ چڱو ٿئي ها) يقيناً هو وڏي ڀاڳ وارو ۽ خوشنصيب آهي.

وَقَالَ الَّذِينَ أُوتُوا الْعِلْمَ وَيْلَكُمْ ثَوَابُ اللَّهِ
خَيْرٌ لِّمَنْ آمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا ۚ وَلَا يُلَقَّاهَا
إِلَّا الصَّابِرُونَ ﴿٨٠﴾

(٨٠) پر جيڪي ماڻهو علم وارا هئا تن (انهن ماڻهن کي) چئي ڏنو تہ افسوس اوهان جي حال تي (متان مصيبت پوي اوهان تي، اوهان هيترو بہ نٿا ڄاڻو تہ) الله تعاليٰ وٽان جيڪي (نعمتون) انعام ۾ ملن ٿيون سي گهڻو بهتر آهن انهن ماڻهن لاءِ جيڪي (حقيقتن تي) ايمان ٿا رکن ۽ صالح عمل ٿا ڪن، پر اهي نعمتون فقط اهي ماڻهو حاصل ڪن ٿا جيڪي صبر ۽ ثابت قدميءَ سان (حق تي ۽ چڱاين ڪرڻ تي) قائم رهن ٿا.

فَخَسَفْنَا بِهِ وَبِدَارِهِ الْأَرْضَ فَمَا كَانَ لَهُ
مِن فِئَةٍ يَنصُرُونَهُ مِن دُونِ اللَّهِ وَمَا
كَانَ مِنَ الْمُنتَصِرِينَ ﴿٨١﴾

(٨١) (قارون جو ايتري آڪڙ ڏيکاري) سو اسان هن کي ۽ سندس گهر کي زمين ۾ پوري ڇڏيو، ۽ ڪا بہ جماعت ڪانہ هئي جا هن کي الله جي مقابلي ۾ مدد ڪري سگهي ها، نڪي هو پاڻ کي بچائي سگهيو.

وَأَصْبَحَ الَّذِينَ تَمَنَّوْا مَكَانَهُ بِالْأَمْسِ

(٨٢) ۽ جيڪي ماڻهو ڪالهہ سندس پوزيشن ۽ ظاهري شاندار حالت جا خواهشمند ٿيا هئا سي هاڻي چوڻ لڳا تہ يقيناً الله ئي آهي جو پنهنجي

يَقُوْلُوْنَ وَيْكَاَنَّ اللّٰهَ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ وَيَقْدِرُ ۚ لَوْلَآ اَنْ مَّنَّ اللّٰهُ عَلَيْنَا لَخَسَفَ بِنَا ؕ وَيْكَاَنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الْكٰفِرُوْنَ ﴿۸۲﴾

بندن مان جنهن کي چاهي تنهن جو رزق ڪشادو ڪري ۽ جنهن لاءِ وڻيس تنهن لاءِ تنگ ڪري. جيڪڏهن اسان تي الله جو احسان نه هجي ها ته اسان کي به زمين ۾ پوري ڇڏي ها. يقيناً معلوم ٿو ٿئي ته ڪافر ڪڏهن به ڪامياب ڪونه ٿيندا.

## رکوع 9

**هٺ، وڏائي ۽ فساد ۽ برايون دنيا ۽ آخرت ۾ خوار خراب ڪن ٿيون.**

تِلْكَ الدَّارُ الْاٰخِرَةُ نَجْعَلُهَا لِلَّذِيْنَ لَا يُرِيْدُوْنَ عُلُوًّا فِي الْاَرْضِ وَلَا فَسَادًا ؕ وَالْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿۸۳﴾

(٨٣) اهو آخرت جو گهر (يعني جنت) اسان انهن ماڻهن لاءِ تيار ڪري رکيو آهي جيڪي زمين تي هٺ وڏائي، ظلم ۽ فساد ۽ بگاڙو نٿا چاهين، ۽ (ياد رکو ته) چڱي پڇاڙي فقط انهن جي لاءِ آهي جيڪي گناهن کان پرهيز ڪندڙ آهن (۽ نيڪ عمل ڪندڙ آهن).

مَنْ جَآءَ بِالْحَسَنَةِ فَلَهٗ خَيْرٌ مِّنْهَا ۚ وَمَنْ جَآءَ بِالسَّيِّئَةِ فَلَا يُجْزَى الَّذِيْنَ عَمِلُوا السَّيِّاٰتِ اِلَّا مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۸۴﴾

(٨٤) جيڪو نيڪيءَ سان ايندو (يعني جنهن نيڪيون ڪيون هونديون) تنهن کي ان کان بهتر انعام ملندو، پر جيڪڏهن ڪو برائي سان ايندو (يعني جنهن برائيون ڪيون هونديون) ته پوءِ جن برائيو ڪيون هونديون تن کي فقط اوتري قدر سزا ملندي جيتري قدر هن برا عمل ڪيا هوندا.

اِنَّ الَّذِيْ فَرَضَ عَلَيْكَ الْقُرْاٰنَ لَرَآدُّكَ اِلٰى مَعَادٍ ؕ قُلْ رَّبِّيْٓ اَعْلَمُ مَنْ جَآءَ بِالْهُدٰى وَمَنْ هُوَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿۸۵﴾

(٨٥) يقين رک ته جنهن (خدا) توتي قرآن (جا حڪم) فرض ڪيا آهن سوئي توکي موٽڻ واري جاءِ ڏي موٽائي آڻيندو. تون (ڪليو ڪلايو) چئو ته منهنجو پروردگار خوب ڄاڻي ٿو ته ڪير (خدا وٽان) هدايت يعني سچو دين کڻي آيو آهي (جنهن تي پاڻ به عمل ڪري ٿو ۽ ٻين کي به سيکاري ٿو) ۽ خوب ڄاڻي ٿو ته ڪير ظاهرظهور ڇٽي گمراهيءَ ۾ آهي.

وَمَا كُنْتَ تَرْجُوْٓا اَنْ يُّلْقٰٓى اِلَيْكَ الْكِتٰبُ اِلَّا رَحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ فَلَا تَكُوْنَنَّ ظَهِيْرًا لِّلْكٰفِرِيْنَ ﴿۸۶﴾

(٨٦) ۽ (اي پيغمبر!) توکي ڪا به اميد يا آسرو ڪونه هو ته ڪو (توکي ڪامياب ڪرڻ لاءِ) توڏي (سچي راهه ڏيکارڻ وارو) ڪتاب موڪليو ويندو پر اها فقط تنهنجي پروردگار جي رحمت آهي (جو توڏي اهو ڪتاب موڪليو ويو آهي) تنهن ڪري تون ڪنهن به صورت ۾ ڪافرن لاءِ (سندن ڪفر جي ڪمن ۾) مددگار نه ٿجانءِ.

وَلَا يَصُدُّنَّكَ عَنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ بَعْدَ اِذْ اُنْزِلَتْ اِلَيْكَ وَادْعُ اِلٰى رَبِّكَ وَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ۚ﴿۸۷﴾

(٨٧) ۽ هي ضروري آهي ته ڪا به ڳالهه توکي خدا جي آيتن (۽ حڪمن تي عمل ڪرڻ ۽ تبليغ ڪرڻ) کان نه روڪي انهيءَ کان پوءِ جو توتي آيتون ۽ حڪم نازل ٿين ۽ (صبر ۽ استقامت سان ماڻهن کي) پنهنجي پروردگار ڏانهن سڏيندو رهه، ۽ مشرڪن سان (سندن شرڪ جي ڪمن ۾) شامل نه ٿجانءِ.

وَلَا تَدْعُ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ ۘ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۟ كُلُّ شَيْءٍ هَالِكٌ اِلَّا وَجْهَهٗ ؕ لَهُ الْحُكْمُ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿۸۸﴾

(٨٨) ۽ الله سان گڏ ڪنهن به ٻئي معبود کي نه سڏجانءِ، (ڇو ته) هن (هڪ الله) کان سواءِ ٻيو ڪو به معبود آهي ئي ڪونه! هر هڪ شيءِ (۽ هرهڪ جانور) فنا ٿيڻ وارو آهي سواءِ سندس ذات جي، بادشاهي فقط سندس آهي، ۽ (آخر) اوهان سڀني کي ڏانهس ئي موٽڻو آهي.

## سورت العنكبوت (عنكبوت معنيٰ كوريئڙو) مكي

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

### رڪوع 1

**هر ڪنهن انسان جي عملن ۾ آزمائش ٿيڻي آهي ته هو ڪيتري قدر سچو آهي**

الٓمّٓ ۚ ﴿١﴾

(١) الف – لام – ميم

اَحَسِبَ النَّاسُ اَنۡ يُّتۡرَكُوۡۤا اَنۡ يَّقُوۡلُوۡۤا اٰمَنَّا وَهُمۡ لَا يُفۡتَنُوۡنَ ﴿٢﴾

(٢) هي ماڻهو هيئن ٿا سمجهن ڇا ته جيڪڏهن هو رڳو هيترو (زبان سان) چوندا ته اسان ايمان آندو آهي ته پوءِ ڪين ائين ئي ڇڏيو ويندو (ته جيئن وڻين تيئن ڪن) ۽ ڪين آزمائش ۾ ڪونه وڌو ويندو. (نه نه! هنن جي ايمان جي آزمائش هنن جي عملن سان ٿيندي.)

وَلَقَدۡ فَتَنَّا الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ فَلَيَعۡلَمَنَّ اللّٰهُ الَّذِيۡنَ صَدَقُوۡا وَلَيَعۡلَمَنَّ الۡكٰذِبِيۡنَ ﴿٣﴾

(٣) ۽ هيءَ حقيقت آهي ته، هنن کان اڳي جيڪي ماڻهوتي گذريا آهن تن کي به اسان آزمائش ۾ وڌو هو سو (هنن ماڻهن کي به آزمائش ۾ وجهي) ضرور معلوم ڪري وٺنداسين (يعني ظاهر ڪري ڏيکاريندا سين) ته ڪهڙا (پنهنجي ايمان جي دعويٰ ۾) سچا آهن ۽ ڪهڙا ڪوڙا آهن (۽ درحقيقت ايمان ڪونه آندو اٿن).

اَمۡ حَسِبَ الَّذِيۡنَ يَعۡمَلُوۡنَ السَّيِّاٰتِ اَنۡ يَّسۡبِقُوۡنَا ؕ سَآءَ مَا يَحۡكُمُوۡنَ ﴿٤﴾

(٤) جيڪي ماڻهو برائيون (۽ گناهه) ڪن ٿا، سي هيئن ٿا سمجهن ڇا ته هو اسان جو اڳ وٺي سگهندا (يعني خدا جي تجويزن کي روڪي پاڻ ڪامياب ٿي ويندا) ڪهڙو نه غلط ۽ بڇڙو فيصلو ۽ راءِ هو ڇڪي رهيا آهن. (هو ڪڏهن به خدا جي تجويزن کي روڪي نه سگهندا ۽ ضرور ڪنڌ پر ڪرندا).

مَنۡ كَانَ يَرۡجُوۡا لِقَآءَ اللّٰهِ فَاِنَّ اَجَلَ اللّٰهِ لَاٰتٍ ؕ وَهُوَ السَّمِيۡعُ الۡعَلِيۡمُ ﴿٥﴾

(٥) جيڪو به شخص (چاڻي ٿو ۽) اميد رکي ٿو ته (آخر) الله سان ملڻو آهي (تنهن کي نيڪ عمل هڪدم شروع ڪري ڏيڻ گهرجن ۽ هر طرح خدا جي راهه ۾ جهاد ڪرڻ گهرجي) ڇو ته يقيناً الله جو (مقرر ڪيل) وقت ضرور اچڻو آهي ۽ (ڪيس ياد رکڻ گهرجي ته الله تعاليٰ سڀ ڪجهه ٻڌندڙ ۽ سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ آهي.

وَمَنۡ جَاهَدَ فَاِنَّمَا يُجَاهِدُ لِنَفۡسِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَغَنِىٌّ عَنِ الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿٦﴾

(٦) ۽ (يقين رکڻ گهرجي ته) جيڪو به (حق جي راهه ۾) بي انتها ڪوشش ۽ محنت ڪري ٿو سو درحقيقت پنهنجي ئي (فائدي) لاءِ ڪري ٿو، (نه خدا جي لاءِ) يقيناً الله تعاليٰ (سڄي ڪائنات، سڄي جهان ۽ سڀني ماڻهن جانورن ۽ شين وغيره) کان بي نياز ۽ بي احتياج آهي. (ڪيس نه ڪنهن جي پرواهه آهي ۽ نه هو ڪنهن جو محتاج آهي).

وَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَنُكَفِّرَنَّ

(٧) ۽ جيڪي ماڻهو (سچو) ايمان آڻين ٿا ۽ نيڪ عمل ڪن ٿا تن جون

عَنۡهُمۡ سَيِّاٰتِهِمۡ وَ لَنَجۡزِيَنَّهُمۡ اَحۡسَنَ الَّذِیۡ كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ ﴿۷﴾

بچڙائين ۽ بدڪاريون اسان ميٽائي ڇڏينداسين، ۽ جيڪي عمل هو ڪن ٿا تن مان بهترين عملن جي ڪري ڪين چڱو بدلو ڏينداسين.

وَ وَصَّيۡنَا الۡاِنۡسَانَ بِوَالِدَيۡهِ حُسۡنًا ؕ وَ اِنۡ جَاهَدٰكَ لِتُشۡرِكَ بِیۡ مَا لَيۡسَ لَكَ بِهٖ عِلۡمٌ فَلَا تُطِعۡهُمَا ؕ اِلَیَّ مَرۡجِعُكُمۡ فَاُنَبِّئُكُمۡ بِمَا كُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ ﴿۸﴾

(٨) اسان هر انسان کي پنهنجي پيءُ ماءُ سان احسان ۽ چڱو سلوڪ ڪرڻ جي وصيت ڪئي آهي (اگرچ اهي مشرڪ هجن) پر جيڪڏهن اهي ٻئي ڪوشش ڪن ته تون مون (الله) سان ڪنهن ٻئي کي به شريڪ ڪرين (يعني منهنجي حڪمن جي ابتڙ ڪنهن ٻئي جو حڪم مڃين) جنهن ڳالهه جي باري ۾ توکي پورو علم ئي ڪونه آهي ته پوءِ انهن جي فرمانبرداري نه ڪر (ٻين اهڙين ڳالهين ۾ انهن جي تابعداري. بيشڪ جن ۾ خدا جي حڪمن جي انحرافي ڪانه ٿي ٿئي. ياد رکو ته) اوهان سڀني کي مون ڏي ئي موٽڻو آهي پوءِ (ان وقت) مان اوهان کي ٻڌائيندس ته توهان ڪهڙا ڪهڙا عمل ڪيا هئا.

وَ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَنُدۡخِلَنَّهُمۡ فِی الصّٰلِحِيۡنَ ﴿۹﴾

(٩) ۽ جيڪي ماڻهو (سچو) ايمان ۽ يقين رکن ۽ نيڪ عمل به ڪن ٿا تن کي اسان صالحن جي سنگت ۾ داخل ڪنداسين. (يعني اهڙا ماڻهو پيغمبرن، صديقن، شهيدن ۽ صالح ٻانهن سان گڏ رهندا).

وَ مِنَ النَّاسِ مَنۡ يَّقُوۡلُ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ فَاِذَاۤ اُوۡذِیَ فِی اللّٰهِ جَعَلَ فِتۡنَةَ النَّاسِ كَعَذَابِ اللّٰهِ ؕ وَ لَئِنۡ جَآءَ نَصۡرٌ مِّنۡ رَّبِّكَ لَيَقُوۡلُنَّ اِنَّا كُنَّا مَعَكُمۡ ؕ اَوَ لَيۡسَ اللّٰهُ بِاَعۡلَمَ بِمَا فِیۡ صُدُوۡرِ الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۱۰﴾

(١٠) ۽ (افسوس) ماڻهن ۾ ڪي اهڙا (ضعيف ايمان وارا يا منافق) به آهن جيڪي (ظاهري ته) چون ٿا ته، اسان ايمان آندو آهي پر جڏهن (خدا جي راهه ۾) ڪنهن تڪليف يا مصيبت هيٺ اچن ٿا تڏهن ماڻهن جي ظلم (ڪان جيڪا تڪليف ڪين پهچي ٿي تنهن) کي خدا جي عذاب وانگر ٿا سمجهن (يعني ان کي خدا جو عذاب ڪري ٿا سمجهن، حالانڪ اها سندن ايمان جي آزمائش ٿي وڃي) ۽ جيڪڏهن تنهنجي پروردگار وٽان (اوهان مسلمانن لاءِ) ڪا مدد (۽ فتح) اچي ته پوءِ يقيناً (پنهنجن فائدن وٺڻ لاءِ) چوندا ته يقيناً اسان توهان (مسلمانن) سان شامل هئاسين، (نه اوهان جي دشمنن سان) ڇا (هو ايترو به نٿا ڄاڻن ته) الله تعاليٰ خوب ڄاڻي ٿو ته ماڻهن جي دلين ۾ ڇا آهي. (اهي منافق مسلمانن کي ڪٽي نڳي سگهن پر خدا سندن دلين جا خيال به ڄاڻي ٿو ۽ ڪين سندن بدخيالن ۽ بدعملن موجب ضورور سزا ڏيندو.)

وَ لَيَعۡلَمَنَّ اللّٰهُ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ لَيَعۡلَمَنَّ الۡمُنٰفِقِيۡنَ ﴿۱۱﴾

(١١) يقيناً خدا سچن مؤمنن کي ڄاڻي ٿو (ته هو سچا آهن ۽ ڪين پڌرو ڪري ڏيکاريندو) ۽ منافقن کي به ڄاڻي ٿو (ته هو ڪوڙا آهن).

وَ قَالَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا لِلَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اتَّبِعُوۡا سَبِيۡلَنَا وَ لۡنَحۡمِلۡ خَطٰيٰكُمۡ ؕ وَ مَا هُمۡ بِحٰمِلِيۡنَ مِنۡ خَطٰيٰهُمۡ مِّنۡ شَیۡءٍ ؕ اِنَّهُمۡ لَكٰذِبُوۡنَ ﴿۱۲﴾

(١٢) ۽ جن ماڻهن ڪفر جي واٽ اختيار ڪئي آهي سي مؤمنن کي چون ٿا ته، توهان به اسان جي واٽ وٺو ۽ اوهان جي خطائن (جا جيڪي نتيجا نڪرندا تن) جا بار اسان کڻنداسين پر هو ڪڏهن به هنن جي خطائن جو ڪجهه به بار نه کڻندا. يقيناً هو ڪوڙا آهن.

وَ لَيَحۡمِلُنَّ اَثۡقَالَهُمۡ وَ اَثۡقَالًا مَّعَ اَثۡقَالِهِمۡ ۫ وَ لَيُسۡـَٔلُنَّ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ عَمَّا كَانُوۡا يَفۡتَرُوۡنَ ﴿۱۳﴾

(١٣) بلڪ هو پنهنجا بار بہ کڻندا ۽ پنهنجي بارن سان گڏ انهن ٻين جا بار بہ کڻندا (جن کي برغلائيندا هئا) ان کان سواءِ جيڪي جيڪي (اهڙا) ڪوڙا ٺاهہ (دنيا ۾) ٺاهيندا هئا تن بابت بہ قيامت جي ڏينهن ڪائڻن باز پرس ٿيندي.

رڪوع 2

**جيڪڏهن توهان الله جي پيغام کي ڪوڙو سمجهي رد ٿا ڪيو تہ اها ڪا نئين ڳالهہ ڪانهي.**

وَ لَقَدۡ اَرۡسَلۡنَا نُوۡحًا اِلٰى قَوۡمِهٖ فَلَبِثَ فِيۡهِمۡ اَلۡفَ سَنَةٍ اِلَّا خَمۡسِيۡنَ عَامًا ؕ فَاَخَذَهُمُ الطُّوۡفَانُ وَهُمۡ ظٰلِمُوۡنَ ﴿۱۴﴾

(١٤) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ اسان حضرت نوح کي سندس قوم ڏي پيغمبر ڪري موڪليو. هن انهن سان گڏ ساڍا نو سؤ سال حياتيءَ جا گذاريا (۽ ڪين سمجهاڻيون ڏنيون تہ بہ هنن مان گهڻا منڪر رهيا ۽ ظلم ڪندا رهيا) سو طوفان هنن کي پڪڙي ورتو (۽ هو ٻڏي مئا) ڇو تہ هو (پڇاڙي تائين) ظلم ڪندا رهيا.

فَاَنۡجَيۡنٰهُ وَ اَصۡحٰبَ السَّفِيۡنَةِ وَجَعَلۡنٰهَاۤ اٰيَةً لِّلۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۱۵﴾

(١٥) پر اسان حضرت نوح کي ۽ ٻيڙيءَ وارن کي (جيڪي ساڻس گڏ ٻيڙيءَ ۾ چڙهيا هئا) بچائي ورتو ۽ اسان ان ٻيڙيءَ کي (جا جودي جبل جي چوٽيءَ تي وڃي بيٺي هئي) جهان جي سڀني ماڻهن لاءِ (عبرت جي) نشاني بنايو.

وَ اِبۡرٰهِيۡمَ اِذۡ قَالَ لِقَوۡمِهِ اعۡبُدُوا اللّٰهَ وَ اتَّقُوۡهُ ؕ ذٰلِكُمۡ خَيۡرٌ لَّكُمۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۱۶﴾

(١٦) ۽ اسان حضرت ابراهيم کي بہ پيغمبر ڪري موڪليو (ڏسو) هن پنهنجي قوم کي چيو تہ فقط الله جي ٻانهپ ڪيو ۽ فقط الله (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) کان ڊڄو جيڪيڏهن توهان ڄاڻ رکو (۽ سمجهو سوچيو تہ توهان کي يقين ٿيندو) تہ انهيءَ ۾ اوهان جي لاءِ وڏي بهتري ۽ چڱائي آهي.

اِنَّمَا تَعۡبُدُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ اَوۡثَانًا وَّ تَخۡلُقُوۡنَ اِفۡكًا ؕ اِنَّ الَّذِيۡنَ تَعۡبُدُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ لَا يَمۡلِكُوۡنَ لَكُمۡ رِزۡقًا فَابۡتَغُوۡا عِنۡدَ اللّٰهِ الرِّزۡقَ وَ اعۡبُدُوۡهُ وَ اشۡكُرُوۡا لَهٗ ؕ اِلَيۡهِ تُرۡجَعُوۡنَ ﴿۱۷﴾

(١٧) (هيءَ ڳالهہ ظاهر آهي تہ) توهان الله کي ڇڏي بتن جي پوڄا ٿا ڪيو ۽ ڪوڙا ٺاهہ ٿا ٺاهيو (اوهان جا خيال ۽ عقيدا بلڪل غلط آهن) خدا کي ڇڏي جن شين، بتن يا ماڻهن جي ٻانهپ ٿا ڪيو تن کي ڪابہ طاقت ڪانهي جو اوهان کي رزق ڏيئي سگهن (يا ٻيون دل ۽ دماغ جون گهرجون پوريون ڪري سگهن) سو (توهان جاهل نہ ٿيو) فقط الله وٽان رزق جي تلاش ڪيو ۽ فقط سندس حڪمن جي تابعداري ڪيو (هنن جي ڏنل نعمتن بابت) سندس ئي شڪرگذاري ڪيو (يعني سندس نعمتن کي سندس هدايتن موجب چڱيءَ طرح ڪم آڻي پنهنجو ئي ڀلو ڪيو) (ياد رکو تہ) توهان کي (آخر) ڏانهس ئي موٽڻو آهي.

وَ اِنۡ تُكَذِّبُوۡا فَقَدۡ كَذَّبَ اُمَمٌ مِّنۡ قَبۡلِكُمۡ ؕ وَ

(١٨) ۽ جيڪڏهن توهان (الله جي پيغام کي) ڪوڙو سمجهي ٺڪرايو ٿا

مَا عَلَى الرَّسُوْلِ اِلَّا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ⑱

۽ رد ڪيو تا (تہ اها ڪا نئين ڳالھ ڪانهي) اوهان کان اڳي بہ ڪيترن ئي امتن (خدا جي پيغام کي) ڪوڙو ٺهرايو. رسول جو فرض تہ فقط هيءَ آهي تہ (خدا جو پيغام) چٽيءَ طرح ۽ کليو کلايو (ماڻهن کي) پهچائي (ٻڌائي ۽ سمجهائي).

اَوَ لَمْ يَرَوْا كَيْفَ يُبْدِئُ اللّٰهُ الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ ؕ اِنَّ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرٌ ⑲

(١٩) اهي ماڻهو نٿا ڏسن ڇا تہ ڪيئن خدا شروعات ۾ شيون پيدا ڪري ٿو ۽ ڪيئن پوءِ بہ بار بار پيدا ڪندو رهي ٿو. يقيناً اهو ڪم الله تعاليٰ جي لاءِ بلڪل آسان آهي.

قُلْ سِيْرُوْا فِى الْاَرْضِ فَانْظُرُوْا كَيْفَ بَدَاَ الْخَلْقَ ثُمَّ اللّٰهُ يُنْشِئُ النَّشْاَةَ الْاٰخِرَةَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَیْءٍ قَدِيْرٌ ۚ ⑳

(٢٠) (تون ماڻهن کي) چئو تہ زمين تي سير سفر ڪيو ۽ ڏسو تہ ڪيئن الله تعاليٰ خلقت جي شروعات ڪئي (يعني ڪهڙيون ڪهڙيون شيون هوا، باهہ، پاڻي، جبل، سمنڊ، درياهہ وغيره پيدا ڪيا)، پوءِ بہ (اهڙيءَ طرح) خدا تعاليٰ ٻيون خلقتون خلقيندو رهي ٿو ۽ خلقيندو، ڇو تہ بيشڪ الله تعاليٰ کي هر چيز (پيدا ڪرڻ) جي طاقت ۽ قدرت آهي.

يُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ وَيَرْحَمُ مَنْ يَّشَآءُ ۚ وَاِلَيْهِ تُقْلَبُوْنَ ㉑

(٢١) هو جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي عذاب ۾ گرفتار ڪري ٿو ۽ جنهن کي چاهي ٿو تنهن تي رحم ڪري ٿو (۽ نہ وساريو تہ) اوهان کي هن ڏي ئي موٽڻو آهي.

وَمَآ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ فِى الْاَرْضِ وَلَا فِى السَّمَآءِ ۫ وَمَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ وَّلِیٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ ۧ ㉒

(٢٢) توهان الله تعاليٰ جي تجويزن کي نڪي زمين تي روڪي سگهو ٿا، نڪي آسمان ۾ روڪي سگهو ٿا ۽ (ياد رکو تہ نافرمانيءَ جو نتيجو ضرور ڏسندو پوءِ) خدا کان سواءِ توهان جو ڪوبہ ڪارساز يا مددگار ڪونہ ٿيندو.

رڪوع 3

**جڏهن پنهنجي ظلمن جو نتيجو ڏسندؤ تڏهن اوهان هڪٻئي کان بيزار ٿيندؤ ۽ هڪٻئي تي لعنتون وجهندؤ.**

وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَلِقَآئِهٖۤ اُولٰٓئِكَ يَئِسُوْا مِنْ رَّحْمَتِىْ وَاُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ㉓

(٢٣) ۽ جيڪي ماڻهو الله جي آيتن ۽ حڪمن جا منڪر آهن، ۽ پڻ (قيامت جي ڏينهن) سندس روبرو حاضر ٿيڻ جا منڪر آهن سي منهنجي رحمت کان نااميد (۽ محروم) هوندا، ۽ انهن جي لاءِ سخت دردناڪ عذاب هوندو.

فَمَا كَانَ جَوَابَ قَوْمِهٖۤ اِلَّاۤ اَنْ قَالُوا اقْتُلُوْهُ اَوْ حَرِّقُوْهُ فَاَنْجٰىهُ اللّٰهُ مِنَ النَّارِ ؕ اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ㉔

(٢٤) پر حضرت ابراهيم جي قوم وٽ (انهن مٿين سيني سمجهاڻين جو) جواب ٻيو ڪوبہ ڪونہ هو. سواءِ هن جي جو هڪٻئي کي چيائون تہ اچو تہ هن کي قتل ڪري ڇڏيون يا ڪيس باهہ ۾ ساڙي ڇڏيون. پر الله تعاليٰ هن کي باهہ منجهان بچائي ورتو. بيشڪ هن (واقعي) ۾ انهن ماڻهن لاءِ (وڏيون عبرت جون) نشانيون آهن جيڪي ايمان رکن ٿا.

وَقَالَ اِنَّمَا اتَّخَذْتُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَوْثَانًا ۙ مَّوَدَّةَ بَيْنِكُمْ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ ثُمَّ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ يَكْفُرُ بَعْضُكُمْ بِبَعْضٍ وَّيَلْعَنُ بَعْضُكُمْ بَعْضًا ۫ وَّمَاْوٰىكُمُ النَّارُ وَمَا لَكُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ﴿٢٥﴾

(٢٥) ۽ حضرت ابراهيم (وري بہ کين) چيو تہ، توهان جو الله تعاليٰ کي ڇڏي بتن کي (پوڄا لاءِ) ورتو آهي سو هن ڪري جو هن دنيا ۾ توهان هڪٻئي لاءِ محبت رکو ٿا پر قيامت جي ڏينهن (جڏهن پنهنجي ظلمن جو نتيجو ڏسندؤ تڏهن) اوهان هڪٻئي کان بيزار ٿيندؤ ۽ هڪٻئي تي لعنتون وجهندؤ ۽ توهان جو ٺڪاڻو دوزخ هوندو ۽ توهان جو ڪوبہ مددگار ڪونہ هوندو.

فَاٰمَنَ لَهٗ لُوْطٌ ۘ وَقَالَ اِنِّيْ مُهَاجِرٌ اِلٰى رَبِّيْ ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٢٦﴾

(٢٦) پر (سندس پائٽئي) حضرت لوط مٿس ايمان آندو ۽ چيائين تہ مان پنهنجي پروردگار جي طرف هجرت ڪرڻ وارو آهيان. بيشڪ هو وڏي طاقت ۽ شان وارو آهي ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.

وَوَهَبْنَا لَهٗٓ اِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ وَجَعَلْنَا فِيْ ذُرِّيَّتِهِ النُّبُوَّةَ وَالْكِتٰبَ وَاٰتَيْنٰهُ اَجْرَهٗ فِي الدُّنْيَا ۚ وَاِنَّهٗ فِي الْاٰخِرَةِ لَمِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٢٧﴾

(٢٧) ۽ اسان حضرت ابراهيم (پٽ) اسحاق ۽ (پوٽو) يعقوب عطا ڪيو ۽ سندس نسل (يعني پيڙهيءَ) ۾ نبوت ۽ ڪتاب جو سلسلو جاري رکيو. (حضرت يعقوب جي اولاد ۾ تہ گهڻائي پيغمبر ٿيا جن کي خدائي ڪتاب بہ مليو پر حضرت اسماعيل جي اولاد مان آخري پيغمبر خاتم المرسلين حضرت محمد ﷺ پيدا ٿيو جنهن تي قرآن مجيد نازل ٿيو) ۽ اسان حضرت ابراهيم کي هن ئي دنيا ۾ وڏو اجر (۽ ڪاميابي) ڏني. ۽ يقيناً آخرت ۾ بہ هو صالحن جي جماعت ۾ هوندو.

وَلُوْطًا اِذْ قَالَ لِقَوْمِهٖٓ اِنَّكُمْ لَتَاْتُوْنَ الْفَاحِشَةَ ۡ مَا سَبَقَكُمْ بِهَا مِنْ اَحَدٍ مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٢٨﴾

(٢٨) ۽ حضرت لوط کي بہ اسان (هڪڙي قوم ڏي) پيغمبر ڪري موڪليو. هن انهيءَ قوم جي ماڻهن کي چيو تہ، توهان اهڙا بي شرميءَ جا ڪم ٿا ڪيو جهڙا توهان کان اڳي سڄي جهان ۾ ڪنهن بہ نہ ڪيا.

اَئِنَّكُمْ لَتَاْتُوْنَ الرِّجَالَ وَتَقْطَعُوْنَ السَّبِيْلَ ۙ وَتَاْتُوْنَ فِيْ نَادِيْكُمُ الْمُنْكَرَ ؕ فَمَا كَانَ جَوَابَ قَوْمِهٖٓ اِلَّآ اَنْ قَالُوا ائْتِنَا بِعَذَابِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٢٩﴾

(٢٩) ڇا توهان (عورتن جي بجاءِ) مردن ڏي ٿا وڃو؟ ۽ پڻ رهزني ٿا ڪيو؟ (يعني واٽن تي ويهي مسافرن کي ٿا لٽيو ۽ ڦريو؟) ۽ پنهنجي مجلسن ۾ بہ اهو ساڳيو نفرت جهڙو ڪم ٿا ڪيو. پر سندس قوم جي ماڻهن وٽ (انهن سمجهاڻين متعلق) فقط هي ئي جواب هو جو ڪيس چيائون تہ، جيڪڏهن تون سچو آهين (هن ڳالهہ ۾ تہ اسان تي عذاب ايندو) تہ پلا آڻ اسان تي خدا جو عذاب!

قَالَ رَبِّ انْصُرْنِيْ عَلَى الْقَوْمِ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿٣٠﴾ ع

(٣٠) حضرت لوط دعا گهري تہ، اي منهنجا پروردگار منهنجي هنن (ظالمن ۾) بگاڙو وجهندڙ ماڻهن جي خلاف مدد ڪر.

رڪوع 4

**جيڪي ماڻهو خدا کي ڇڏي بين کي ڪارساز ۽ مددگار ڪري ٿا وٺن سي گويا ڪوريئڙي وارو گهر ٿا ناهين، جيڪو سيني گهرن کان ضعيف ٿئي ٿو.**

وَلَمَّا جَآءَتْ رُسُلُنَآ اِبْرٰهِيْمَ بِالْبُشْرٰى ۙ

(٣١) (حضرت لوط جي دعا قبول پيئي) سو جڏهن اسان جا قاصد (يعني

قَالُوْٓا اِنَّا مُهْلِكُوْٓا اَهْلِ هٰذِهِ الْقَرْيَةِ ۚ اِنَّ اَهْلَهَا كَانُوْا ظٰلِمِيْنَ ۚۖ ﴿٣١﴾

ملائڪ) حضرت ابراهيم ڏي (پٽ ڄمڻ جي) خوشخبري کڻي آيا تڏهن انهن فرشتن (حضرت ابراهيم کي) چيو ته اسان هن (حضرت لوط واري) شهر جي ماڻهن کي تباهه ڪرڻ آيا آهيون چو ته اتي جا ماڻهو وڏا ظالم (۽ بي حيا) ٿي پيا آهن.

قَالَ اِنَّ فِيْهَا لُوْطًا ؕ قَالُوْا نَحْنُ اَعْلَمُ بِمَنْ فِيْهَا ۫ لَنُنَجِّيَنَّهٗ وَاَهْلَهٗٓ اِلَّا امْرَاَتَهٗ ۫ كَانَتْ مِنَ الْغٰبِرِيْنَ ﴿٣٢﴾

(٣٢) حضرت ابراهيم چيو ته ان شهر ۾ ته حضرت لوط موجود آهي. فرشتن جواب ۾ چيو ته ها اسان کي خبر آهي ته ان ۾ ڪير موجود آهي. اسان هن کي ۽ سندس ماڻهن کي سواءِ سندس زال جي (انهيءَ تباهيءَ کان) بچائينداسين. هوءَ پٺتي رهندڙن سان رهجي پوندي (۽ هنن سان گڏ تباهه ٿيندي).

وَلَمَّآ اَنْ جَآءَتْ رُسُلُنَا لُوْطًا سِيْٓءَ بِهِمْ وَضَاقَ بِهِمْ ذَرْعًا وَّقَالُوْا لَا تَخَفْ وَلَا تَحْزَنْ ۫ اِنَّا مُنَجُّوْكَ وَاَهْلَكَ اِلَّا امْرَاَتَكَ كَانَتْ مِنَ الْغٰبِرِيْنَ ﴿٣٣﴾

(٣٣) ۽ جڏهن اسان جا قاصد (يعني فرشتا) حضرت لوط وٽ ويا تڏهن هن کي انهن فرشتن بابت ڏاڍو خطرو ڏسڻ ۾ آيو ۽ سندس دل سوڙهي ٿيڻ لڳي. سو هنن کيس چيو ته ڊڄ نه نڪو ڪو غم ڪر. اسان ضرور توکي ۽ تنهنجي ماڻهن کي سواءِ تنهنجي زال جي، (اينڌڙ عذاب کان) بچائي وٺنداسين. هوءَ پٺتي رهندڙ ماڻهن ۾ رهجي پوندي (۽ تباهه ٿيندي).

اِنَّا مُنْزِلُوْنَ عَلٰٓى اَهْلِ هٰذِهِ الْقَرْيَةِ رِجْزًا مِّنَ السَّمَآءِ بِمَا كَانُوْا يَفْسُقُوْنَ ﴿٣٤﴾

(٣٤) اسان ضرور هن شهر جي ماڻهن جي مٿان آسمان مان عذاب نازل ڪنداسين، چو ته هو بدڪارين ۾ ليڪو لنگهي بيٺا آهن.

وَلَقَدْ تَّرَكْنَا مِنْهَآ اٰيَةً ۢ بَيِّنَةً لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ﴿٣٥﴾

(٣٥) (حضرت لوط ۽ سندس ماڻهو انهن فرشتن جي چوڻ موجب راتو واهه شهر مان نڪري ويا. باقي ماڻهن تي پٿرن جو مينهن وسيو ۽ تباهه ٿي پيا. اها حقيقت اڄ تائين هرڪو پنهنجي اکين سان ڏسي سگهي ٿو) هيءَ حقيقت آهي ته اسان ان واقعي مان هڪڙي چٽي نشاني (عبرت وٺڻ لاءِ) ڇڏي آهي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي (حقيقت کي) سمجهن ٿا (۽ سمجهڻ چاهين ٿا).

وَاِلٰى مَدْيَنَ اَخَاهُمْ شُعَيْبًا ۙ فَقَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ وَارْجُوا الْيَوْمَ الْاٰخِرَ وَلَا تَعْثَوْا فِي الْاَرْضِ مُفْسِدِيْنَ ﴿٣٦﴾

(٣٦) ۽ مدين جي ماڻهن ڏي اسان سندن برادريءَ جي ماڻهو حضرت شعيب کي پيغمبر ڪري موڪليو. هن کين چيو ته اي منهنجي قوم جا ماڻهو! الله جي ٻانهپ ڪيو (۽ سندس حڪمن تي هلو) ۽ آخرت جي ڏينهن (جي عذاب) کان ڊڄو ۽ ملڪ ۾ خرابيون ۽ بگاڙ نه ڪندا وتو.

فَكَذَّبُوْهُ فَاَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ فَاَصْبَحُوْا فِيْ دَارِهِمْ جٰثِمِيْنَ ۫ ﴿٣٧﴾

(٣٧) پر هنن حضرت شعيب کي ڪوڙو سمجهيو ۽ ڪيس نه مڃيو، سو هڪڙي اهڙي زبردست آواز هنن کي پڪڙ ڪئي (جهڙو ٻرندڙ جبل جي ڦاٽڻ ڪري يا ڪڏهن ڪڏهن ڌرتي ڌٻڻ وقت ٿيندو آهي.) جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو اهي ماڻهو پنهنجي گهرن ۾ اونڌا ٿي پئجي رهيا، (يعني مرده لاشا ٿي پيا.)

وَعَادًا وَّ ثَمُوْدَاۡ وَقَدْ تَّبَيَّنَ لَكُمْ مِّنْ مَّسٰكِنِهِمْ ۟ وَزَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطٰنُ اَعْمَالَهُمْ فَصَدَّهُمْ عَنِ السَّبِيْلِ وَكَانُوْا مُسْتَبْصِرِيْنَ ﴿٣٨﴾

(٣٨) ۽ عاد ۽ ثمود جي قومن کي بہ (اسان تباھ ڪري ڇڏيو) ۽ اوھان کي هنن جا گھر بہ چٽائي چٽا ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ شيطان هنن جي (بد) عملن کي هنن جي نظر ۾ سھڻا ڪري ڏيکاريا ۽ هنن کي سڌي واٽ کان روڪي ڇڏيائين، اگرچہ هو نھايت هوشيار ۽ هنرمند هئا.

وَقَارُوْنَ وَفِرْعَوْنَ وَهَامٰنَ ۟ وَلَقَدْ جَآءَهُمْ مُّوْسٰى بِالْبَيِّنٰتِ فَاسْتَكْبَرُوْا فِى الْاَرْضِ وَمَا كَانُوْا سٰبِقِيْنَ ﴿٣٩﴾

(٣٩) ۽ قارون، فرعون ۽ هامان (کي بہ اسان تباھ ڪري ڇڏيو) هنن ڏي حضرت موسيٰ چٽين نشانين سان آيو (۽ ڪين گھٽوئي سمجھايائين) پر هنن ملڪ ۾ تڪبر جي روش اختيار ڪئي پر هنن کي ڪھڙي مجال هئي جو اسان جي پڪڙ کان نڪري ڇٽي وڃن.

فَكُلًّا اَخَذْنَا بِذَنْۢبِهٖ ۚ فَمِنْهُمْ مَّنْ اَرْسَلْنَا عَلَيْهِ حَاصِبًا ۚ وَمِنْهُمْ مَّنْ اَخَذَتْهُ الصَّيْحَةُ ۚ وَمِنْهُمْ مَّنْ خَسَفْنَا بِهِ الْاَرْضَ ۚ وَمِنْهُمْ مَّنْ اَغْرَقْنَا ۚ وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيَظْلِمَهُمْ وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿٤٠﴾

(٤٠) سو اسان انھن سڀني کي سندن گناھن (۽ ظلمن) سببان پڪڙ ڪئي. ڪن ڏي اسان سخت طوفان (پٿرن جي برسات سان) موڪليو، ڪن کي دھشتناڪ آواز گھيري فنا ڪري ڇڏيو، ڪن کي اسان جي حڪم سان زمين ڳھي ويئي ۽ ڪن کي اسان ٻوڙي ماري ڇڏيو، ۽ (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ جو اھو وڙ نہ هو (۽ نہ آهي) تہ هنن سان بي انصافي ڪري، حقيقت هيءَ آهي تہ هنن پاڻ تي پاڻ ظلم ڪيو (۽ پاڻ کي پاڻ تباھ ڪيو جيئن هاڻي زبردست قومون پاڻ کي پاڻ تباھ ڪري رهيون آهن.)

مَثَلُ الَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَوْلِيَآءَ كَمَثَلِ الْعَنْكَبُوْتِ ۖ اِتَّخَذَتْ بَيْتًا ۭ وَاِنَّ اَوْهَنَ الْبُيُوْتِ لَبَيْتُ الْعَنْكَبُوْتِ ۘ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿٤١﴾

(٤١) جن ماڻھن الله کي ڇڏي ٻين کي ڪارساز ۽ مددگار ڪري ورتو آهي (يعني خدا جي چڱن حڪمن جي خلاف شيطان جا يا ٻين جا خراب حڪم مڃين ٿا) انھن جو مثال هڪڙي (ضعيف) ڪوريئڙي سان ٿو لڳي، جنھن گھر تہ ٺاهيو پر سڀني گھرن کان ضعيف گھر ڪوريئڙي جو آهي. (يعني سندن ڪارناما بہ ائين بيڪار ٿي ويندا جيئن ڪوريئڙي جو گھر اسان جي هٿ جي چنبڪي سان فنا ٿي ٿو وڃي) ڪھڙو نہ چڱو ٿئي جيڪڏھن هو اھا ڳالھ ڄاڻن (۽ سمجھن).

اِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ مِنْ شَيْءٍ ۭ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٤٢﴾

(٤٢) بيشڪ الله تعاليٰ انھيءَ هرهڪ چيز کي ڄاڻي ٿو جنھن کي اھي (ٻليل ماڻھو معبود سمجھي) پڪارين ٿا ۽ (ياد رکو تہ) هو وڏي قدرت وارو ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.

وَتِلْكَ الْاَمْثَالُ نَضْرِبُهَا لِلنَّاسِ ۚ وَمَا يَعْقِلُهَآ اِلَّا الْعٰلِمُوْنَ ﴿٤٣﴾

(٤٣) ۽ اھي مثال آهن جي اسان ماڻھن کي (سمجھائڻ لاءِ) ٻڌايون ٿا، پر اھي ماڻھو انھن مثالن کي سمجھي سگھن ٿا جيڪي علم وارا آهن.

خَلَقَ اللّٰهُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٤٤﴾

(٤٤) الله تعاليٰ آسمانن ۽ زمين کي حق سان (۽ نھايت عجيب و غريب قانون سان) خلقيو آهي. جيڪي ماڻھو ايمان رکندڙ آهن تن لاءِ انھيءَ ۾ وڏي نشاني رکيل آهي.